# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو

جولاءِ 2015 کان ڊسمبر 2015



سند رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن. (10:4)

(القرآن)

چهه ماهي

# سرسو

جولاءِ 2015 کان ڊسمبر 2015

## هن شماري ۾......


- ايڊيٽر پاران ........ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ........ 3
- محترمه ماروي ميمڻ جي”ڳوناٽي تنظيمن“جي عورتن سان ڳالھ ٻولھ ........ 4
- برطانيه جي وفد جي ”بزرگ دوست تنظيمن“ سان ڳالھ ٻولھ ........ 7
- LEP روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ وارو پروجيڪٽ ........ 11
- بزرگن جي ڀلائيءَ وارو پروگرام ........ 15
- جوت جلندي رهي - لاٽ ٻرندي رهي ........ 17
- بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام ........ 18
- لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”شادي شهيد“ جي ڪارڪردگي ........ 21
- گگدام جانورن واري پراجيڪٽ جو حال احوال ........ 23
- سرسو پاران ڪوئايل ڪميونٽي ڪانفرنس ........ 26
- سرسو جي سرگرمين جو تصويري ڏيک ........ 27
- انتظامي شعبي جي ڪارڪردگي ........ 31
- الف خان بجاراٽي پرائمري اسڪول جو ڪامياب سفر ........ 33
- حصولات واري شعبي جي ڪارڪردگي ........ 35
- ماءُ ۽ ٻار جي صحت جو هفتو ........ 36
- لاڙڪاڻي ۾ ملهايل ٻارڙن جو عالمي ڏينهن ........ 37
- وڻن جي اهميت ........ 38
- بغير وياج قرض اسڪيم: ترقيءَ ڏانهن هڪ قدم ........ 41
- ڳوٺ ڪان اسلام آباد ٽائين جو سفر ........ 42
- هُنر جَن جي هَٿِ، ڪاميابي قدمَن تِنين ........ 45
- همت جو ٻيو نالو گلشاد بيگم ........ 47
- تنظيم سازي ........ 49
- سرسو - بروڪ پروجيڪٽ ٻٽائي زندگي خوشحال ........ 53
- BBSYDP هنري سکيا جو هڪ ڪامياب پروگرام ........ 54


**ايڊيٽر**

**نويد اسحاق ميمڻ**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**ايڊيٽوريل بورڊ**

**نثار احمد پٺاڻ**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**نياز احمد هنگورو**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**امام علي ڏيٿو**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**عبدالوحيد پرڙو**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ**

**بخت علي ابڙو**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

رابطي لاءِ ڏس پتو

**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**

سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر.

فون: 071-56271820 فيڪس: 071-5627182-111

ويب سائيٽ www.srso.org.pk

هيڊ آفيس

## سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)

سرسو ڪامپليڪس - شڪارپور روڊ سکر

# ايڊيٽر پاران

جڏهن ڪو هاري زمين ۾ ٻج پوکيندو آهي ته ان کي اهو يقين هوندو آهي ته قدرت جي وسيلن مان فائدو وٺندي اهو ٻج زمين مان پاڻياٺ ۽ نمڪيات حاصل ڪري ڦوٽهڙو ڪاٽي سلي جي صورت ۾ زمين ڦاڙي ضرور ٻاهر نڪرندو. ٻج منجهه ايڏو ويساهه ۽ اعتماد رکڻ وارو هاري انهيءَ سلي کي قدرت جي رحم و ڪرم تي ناهي ڇڏي ڏيندو بلڪ ٻنجهو واري زمين ۾ ٻج ڇٽڻ ڪانپوءِ ان جون ننڍون حرام تي پونديون آهن ۽ ڏينهن رات ان کي صرف اها ئي چنتا هوندي آهي ته سلي کي جوان ٿي سنگ جهلڻ تائين ڪيئن پالجي ۽ تاتجي. اهو هاري سڄ ايري کان ٻه اڳ صبح سوير اٿي ان ٻني تي ايندو آهي جتي ان ٻج پوکي مسقبل جي پڪل فصل جا خواب ڏٺا هوندا آهن. هو ان فصل کي وقت سر پاڻي ڏيندو آهي، ضرورت مطابق ڀاڻ ڏيندو آهي، ان ۾ ٿيل گند گاهه کي پاڙئون پٽي صاف ڪندو آهي، جڏهن ان ۾ سنگ ڦٽندا آهن ته هڪ طرف انهن ڪچن سنگن کي جهار کان بچائيندو آهي ته ٻئي طرف ٻنيءَ جي چوڪيداري ڪندو آهي ته ڪو مال متاع نه فصل ۾ گهڙي ان کي نقصان ڏئي. آخر ۾ اهو هاري جڏهن سنگ لٽي، ول ڊوئي، ديرا ڪري، ڳاهه ڳائي، اَنُ ٻورين ۾ ڀري بازار ۾ وڪٽي پنج ڏوڪڙ گهر ڪٽي ايندو آهي ته جهڙوڪر ان جا سمورا ٿڪ لهي ويندا آهن.

زندگي ٻه ائين ئي آهي هڪ انسان ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين جيون جي اهڙي ئي چرخي ۾ جيئندو رهندو آهي. پر جيئن هڪ عام ۽ خاص ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ فرق هوندو آهي تيئن ئي دنيا جي قومن منجهه ٻه فرق ٿيندو آهي. هڪڙيون قومون اهي آهن جن پنهنجي تقدير بدلائڻ لاءِ متي بيان ڪيل هاريءَ وانگر ڏينهن رات محنت ڪئي ۽ منزل ماڻي ته ٻئي طرف اهي ٻه قومون آهن جن ڪَکُ پيجي ٻيٺو ٻه نه ڪيو. تاريخ ۾ اهي ئي قومون زنده رهيون جن وقت سان مهاڏا اٽڪايا. هن وقت سنڌ ۽ سنڌي قوم ٻه وقت جي اهڙي ڌارا تي بيٺل آهي جتي اسان کي ڪنڌ ڪڻي جيئڻ جا ڀرپور موقعا مليا آهن. اچو ته گڏجون، متحد ٿيون، هڪ ٿيون ۽ پنهنجي تقدير بدلائڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪيون. اسان جا فصل ڀلا ٿيندا ته اسان جون ڪُکيون ٻه ڀريل رهنديون، اسان جا اسڪول اعليٰ ۽ معياري تعليم جا گهوارا بڻبا ته اسان جا ذهن ٻه روشن رهندا ۽ ڌرتي ۽ قوم جو آئيندو ٻه خوشحال رهندو، اسان جا ڳوٺ سڌرندا ته دنيا ۾ انهن کي مڃتا ۽ مانُ ملندو.

اچو ته سرسو جي انهن خوابن سان پاڻ کي سلهاڙيون، اچو ته ترقيءَ جي فلسفي کي سمجهون، اچ ته سچ جو مچ مچايون، اچو ته مڙس ماڻهو ٿي ميدان ملهايون، اچو ته پنهنجي جوءِ ۽ پنهنجن ڍنگن جا محافظ بڻجون، اچو ته پنهنجن وسيلن کي ڪَنو ڪري انهن کي بهتر ڪيون ۽ انهن مان گهڻي کان گهڻا فائدا حاصل ڪيون، اچو ته لالچ ۽ لوڀ کي ڇڏي ايماندار بڻجون، اچو ته پنهنجون دشمنيون، نفرتون ۽ حقارتون ختم ڪري پيار ۽ پنهنجائپ جا گيت ڳايون، اچو ته هن ڌرتيءَ تي امن ۽ ترقي جا اهڙا سَلا پوکيون جن منجهان ٻڙَ جي گهاٽيءَ ڇانءَ وارا اهڙا وڻ پيدا ٿين جن منجهه هر درد وندو سُک جو ساهه کڻي سگهي. اميد ڪيون ٿا ته اڳين مئگزينن وانگر هن مئگزين بابت ٻه اوهان اسان کي پنهنجي قيمتي راءِ کان ضرور آگاهه ڪندا، اوهان جي ساٿ ۽ پنهنجائپ جهڙن احساسن جو اسان کي انتظار رهندو.

نويد اسحاق ميمڻ

# پيغام

سپاجھڙي سنڌ جي غريب مارويئڙن جو تعلق پهراڙين سان آهي. اسان جا ڳوٺ واهڻ ۽ وستيون بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهن، جتي صحت، تعليم، امن امان، روڊ رستا، روزگار جا وسيلا نہ هجڻ جي برابر آهن. اتان جا سپاجھڙا غريب ۽ ابوجهہ ماڻهو، جيڪي بک، بيروزگاري ۽ غربت جي ڏبڻ ۾ قاتل آهن.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن غريب ڳوٺاڻن لاءِ روشن سج جيان اميد جو هڪ ڪرڻو آهي. هي ادارو انهن غريب ڳوٺاڻن خاص طورتي عورتن جي ذهني جاڳرتا ڪندي سندن لڪيل صلاحيتن کي اڀاري ٿوتہ جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهندي پنهنجي آمدني وڌائيندي غربت کي نيڪالي ڏئي سگهن.

سرسو اهڙو ڪم سنڌ جي ڏهن ضلعن ۾ تعليم، زراعت، مال مويشي، هنري ۽ سلائي ڪڙهائي، ڳري مشينري جي ڊرائيونگ ۽ ٻي فني سکيا وغيره جي مد ۾ غريب ماڻهن سان گڏجي سڏجي ۽ سلهاڙجي ڪري ڪم ڪري رهي آهي تہ جيئن سندن زندگي ۾ آسودگي جهڙو خواب ڏسي پسي سگهجي. ۽ سرسو جا سماج سڌارڪ ڏينهن رات غريبن کي منظم ڪندي ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهي رهيا آهن تہ جيئن منظم ٿيندي سندن زندگين مان نااميديون، نراسايون، مفلسيون ختم ڪندي ڪين خوشحال ۽ پرامن زندگين طرف وک وڌائي سگهجي. جيئن هو آمدني ڪمائندي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن لاءِ ڪارآمد ۽ مستقبل جا معمار ثابت ٿي سگهن.

اسان جون ڪيل ڪوششون سيني جي اڳيان آهن جنهن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صاحب اختيار ادارن، سرڪار ۽ ڳوٺاڻن جي مدد ۽ ساٿ جي اجان بہ وڌيڪ ضرورت آهي.

مان اميد ٿو ڪريان تہ اهڙي جدوجهد جاري ۽ ساري رهندي ۽ پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان جا ڳوٺاڻا ترقي يافتہ ڳوٺن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا. ۽ بنيادي سهولتن سان سرشار سُکي ۽ ستابي زندگي گذاريندا.

**سات سلامت**

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**
چيف ايگزيڪيٽو آفيسر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيسن سکر

# BISP جي چيئرپرسن محترمه ماروي ميمڻ جي ”ڳوناٽي تنظيمن“ جي عورتن سان ڳالهه ٻولهه

بخت علي ابڙو
سينيئر پروگرام آفيسر MER

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن محترمه ماروي ميمڻ سرسو پاران ڳوناٽين عورتن سان گڏجي ترقيءَ واري فلسفي کان متاثر ٿي انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري، جنهن لاءِ سرسو جي سکر ۾ واقع هيڊ آفيس ۾ ڀهراڙيءَ جي ڳوناٽي تنظيمن جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي گهرائي گڏجاڻي ڪئي وئي.
پروگرام جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ڪئي وئي، جنهن بعد ميڊم رخسانه رياض، پري پري کان ڪَهي آيل تنظيمي عورتن ۽ سيني آيل معزز مهمانن کي خوش آمديد چوندي سرسو جو مختصر تعارف ڪرايو. ۽ باقاعده پروگرام جو آغاز ڪندي، محترمه ماروي ميمڻ کي اسٽيج اچڻ جي دعوت ڏني.
اتر سنڌ جا ڪجهه اهڙا ضلعه به آهن، جتي عورت کي پنهنجو حق گهرڻ کي به گناهِ عظيم سمجهيو ويندو آهي. سنڌ جي انهن ضلعن ۾ ڪشمور-ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد ۽ شڪارپور جو به شمار ٿئي ٿو. پر اڄ انهن ضلعن سان واڳيل عورتن کي پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ ٻاهر نڪرندو ڏسي. مردن جيان ڳالهائيندو ڏسي منهنجي خوشي ۽ جذبات قابو کان ٻاهر ٿيندا پئي ويا. مان ٻنهي هٿن سان سرسو جي چيئرمين جناب شعيب سلطان خان، ان جي ٽيم ۽ ان جي پروگرام کي سلام پيش ڪيان ٿي. جنهن هِتان جي عورتن کي جاڳرتا، شعور، سمجهه ۽ زبان ڏني ۽ اڄ اهِي نه صرف پنهنجن ڳوٺن بلڪ ملڪ لاءِ به چپر ڇانوَ بڻجي بيٺيون آهن. ۽ هنن ماروئڙن جي وچ ۾ اڄ انهن جي ماروي به اچي وئي آهي.





هي دل مان نڪتل لفظ آهن، ممڪلتي وزير، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) جي چيئرپرسن ۽ ميمبر قومي اسيمبلي محترمه ماروي ميمڻ جا. جنهن جا جذبا سندس لفظ بڻجي عڪاسي ڪري رهيا هئا. جڏهن هو سرسو پاران منعقد ٿيل ”منظم غريب ڳوناٽين عورتن سان ڳالهه ٻولهه“ جي سِري هيڊ سرسو ڪامپليڪس جي حال ۾ عيدالاضحيٰ جي ٻئي ڏينهن تي تقرير ڪري رهي هئي. محترمه ماروي ميمڻ چيو ته توهان ۾ ئي شجاعت آهي، توهان ۾ ئي همت ۽ بهادري آهي. توهان عورتون ئي BISP اندر ٿيندڙ ناانصافين کي ختم ڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهو ٿيون. اُها بئنڪن جي ڪجهه عملدارن جي ملي ڀڳت سان ٿي رهي آهي. ۽ اڄ مان انهن عنصرن خلاف اعلانِ جنگ ڪيان ٿي. توهان ئي اُهي عظيم عورتون آهيو جيڪي هر دؤر ۾ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ

وڙهيون آهيو. توهان ئي ڌرتي جون اُهي سُجاڻ مائرون آهيو جيڪي پنهنجي ٻارن جي مستقبل لاءِ وڙهنديون پيون اچو. توهان يقين ڪيوتہ توهان ۽ مون ۾ ڪوبہ فرق ناهي، سواءِ ان جي جو مان توهان کان ڪجهہ وڌيڪ پڙهي لکي آهيان. جنهن ڪري صرف ايترو فرق آهي تہ مان مٿي اسٽيج تي ويٺل آهيان ۽ توهان منهنجي سامهون ويٺل آهيو.

ماروي ميمڻ پنهنجي پُرجوش خطاب دوران ڪشمور-ڪنڌڪوٽ، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن جي سوين عورتن کي صلاح ڏني تہ BISP جي جيڪا تہ ماهي رقم -/4500 روپيہ اوهان کي ملي رهي آهي. اُهي پنهنجي ٻارن جي سُٺي خوراڪ تي خرچ ڪيو. ڇوتہ سُٺي خوراڪ سُٺا ذهن پيدا ڪندي آهي. ۽ سُٺا ذهن بهتر سماج جوڙيندا آهن. هن چيو تہ منهنجون اڄ توهان ۾ ڪافي ساريون اميدون ۽ توقعات جُڙي ويون آهن. اچو تہ اڄ هڪ عهد ڪيون تہ جن بہ عورتن کي BISP جي رقم وٺڻ وقت ناجائزي ٿي رهي آهي. ان ۾ توهان پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندؤ تہ جيئن اها ڦرلٽ ۽ ناانصافي توهان جي ڪردار ادا ڪرڻ ڪانپوءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ختم ٿي وڃي. ان موقعي تي BISP جي چيئرپرسن ماروي ميمڻ ڪين پنهنجو ذاتي موبائيل نمبر ڏيندي حال ۾ ويٺل عورتن کي تمام بهتر انداز ۾ سمجهائيندي چيو تہ ڪنهن بہ شڪايت يا مونجهاري پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ منهنجي موبائيل نمبر تي سنڌيءَ ۾ SMS ڪجو. توهان جي علائقي ۾ موجود BISP عملدار توهان جي مڙني شڪايتن جي ازالي لاءِ اوهان سان رابطي ۾ اچي فوري طورتي حل لاءِ اپاءُ وٺندا.

هن چيو تہ ماروي جي اها دلي خواهش آهي تہ BISP جا پئسا سنڌس ڀينرن ۽ مائرن تائين عزتِ نفس سان پهچن، باعزت طريقي سان پهچن. سنڌس چوڻ هو تہ منهنجي توهان عورتن کي هڪ صلاح اها بہ آهي تہ بلڪہ منهنجي خواهش آهي تہ توهان ننڍڙا ننڍڙا قرض وٺي پنهنجو مستقبل سنواريو ۽ جلد وٺڻ وارن مان نہ پر ڏيڻ وارن منجهان ٿيو.

سچ پڇو تہ سرسو جو ڪيل ڪم ڏسي مان نہ صرف حيران آهيان پر بيحد خوش پڻ آهيان. ۽ اڄ معلوم ٿيو آهي تہ حق تي اسلام آباد کان وٺي ڪراچي تائين ماڻهو سرسو- سرسو پيا ڪن، اِهوئي سبب هو. مون اڄ هتي اچڻ ڪانپوءِ سمجهيو آهي. منهنجون اکيون ۽ ڪن توهان ئي تہ آهيو، جو اڄ عيد جي ٻئي ڏينهن تي اوهان وٽ ڪهي اچي ملڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ موجوده حڪومت توهان عورتن جي سڀني مونجهارن ۽ مشڪلاتن جي حل لاءِ سنجيده آهي. ۽ توهان جي تڪليفن ۾ بہ توهان جي حڪومت توهان سان گڏ آهي تہ خوشين ۾ بہ. هن وڌيڪ چيو تہ BISP پنهنجو ڪم 40 ارب روپين کان شروع ڪيو هيو. جنهن ۾ اڄ 120 ارب روپين جي بجيٽ مختص ٿيل آهي. منهنجي ڪوشش آهي تہ BISP سان ملڪ جون سماجي تنظيمون پڻ گڏجي ڪم ڪن. هن ٻڌايو تہ BISP پاران جلد نئين سروي جو آغاز پڻ ڪيو ويندو جنهن تحت سڀني مستحق عورتن کي بنا ذات پات، برادري ۽ سياسي وابستگيءَ جي رجسٽرڊ ڪيو ويندو. ۽ اها سروي سائنٽيفڪ انداز ۾ ٿيندي، ڪمپيوٽرائيزڊ ٿيندي تہ جيئن ڪابہ غريب عورت ان حق کان محروم نہ رهجي وڃي.





سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو پنهنجي مختصر خطاب ۾ BISP جي چيئرپرسن، گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندڙ تنظيمن جي سوين منظم عورتن، سرسو جي اسٽاف ۽ صحافين جا ٿورا مڃيندي چيو ته سرسو





پنهنجي ٿورڙي وقت ۾ ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ ذريعي هزارين خاندانن جا چُلها ٻاريا آهن. انهن منظم غريب ڳوٺاڻين عورتن کي نه صرف اعتماد مُهيا ڪيو آهي بلڪ انهن کي غربت جي ڏبڻ مان ڪڍڻ لاءِ هر وَسَ آهر ڪوشش پڻ ڪئي آهي، ۽ هميشه ڪندي رهندي.

تقريب جي آخر ۾ منظم ڳوٺاڻين عورتن پاران محترمه ماروي ميمڻ کان الڳ الڳ سوال ڪري پنهنجا مسئلا ٻُڌايا ۽ سندن مسئلن جي حل جي لاءِ تقريب ۾ موجود BISP جي آفيسرن کي هدايتون پڻ جاري ڪيون.

هن تقريب ۾ BISP سنڌ جو ڊائريڪٽر ذوالفقار ابڙو، عورت فائونڊيشن جو اڳواڻ علي حسن مهر، جمال مصطفيٰ شورو، نياز احمد هنگورو، نثار احمد پناڻ، ميڊم رخسانه رياض علي، سرڪاري، ميڊيا، پي.ٽي.وي. اي.پي.پي ريڊيو پاڪستان سميت اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي وڏي انگ سميت سرسو شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور-ڪنڌڪوٽ جا ڊسٽرڪٽ مئنيجر عبداللطيف سومرو، منظور جلباڻي، اسد جتوئي ۽ سوين تنظيمي عورتون پڻ موجود هيون. جڏهن ته ميزباني جا فرائض ريجنل مئنيجر ڊاڪٽر غلام رسول سميجو ادا ڪيا.

تقريب جي اختتام بعد ميڊم ماروي ميمڻ سرسو ڪامپليڪس ۾ قائم هينڊي ڪرافٽ (دستڪاري) جو سينٽر پڻ ڏٺو. جتي ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ عورتن جي هٿن سان تيار ٿيل هينڊي ڪرافٽس جو سامان رکيل آهي جنهن ۾ هن بيحد دلچسپي ڏيکاري ۽ ٻهراڙي جي عورتن جي هُنر جي تعريف ڪئي.



# برطانيہ جي وفد جي ”بزرگ دوست تنظيمن“ سان ڳالھ ٻولھ

جميل احمد

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب مرد ۽ عورتن جي معيارِ زندگيءَ کي بُلند ڪرڻ، کين خوشحال ڪرڻ جي لاءِ جيڪي اڻٿڪ لاڀائتا قدم کنيا آهن انهن جو مثال وَرلي ڪو ملي سگهندو. سنڌ جو وڏو وزير سيد قائم علي شاھ پڻ اِهو چوڻ کان رهي ڪين سگهيو هو تہ سرسو معاشي وسيلن کان وانجهيل سنڌ جي ماڻهن کي خوشحاليءَ جي در تائين پهچائڻ ۾ سنڌ حڪومت سان سهڪار ڪندي شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي خوابن کي تڪميل تائين پهچائي رهيو آهي.



سنڌ جي وڏي وزير جا اِهي لفظ سرسو ٽيم جي جذبن ۽ همٿائڻ لاءِ ڪافي هئا تہ تازو ئي هيلپ ايج انٽرنيشنل ۽ برطانيہ کان آيل وفد آسڪر فريڪلن (پروگرام مئنيجر AI)، بزرگ دوست تنظيم ڳوٺ گدا حسين شر، يونين ڪائونسل لوڊرا ضلع شڪارپور سان ڳالهائيندي چيو تہ برطانيہ جي ڀيٽ مان هتان جي موجود مسئلن سان تہ نہ ڪندس. پر، اهو ضرور چوندس تہ سرسو جهڙي ريت هتان جي عوام بشمول بزرگ مرد ۽ عورتن کي گڏ ڪري ”هڪ آواز“ ڪيو آهي، جهڙي ريت کين متحرڪ ڪيو آهي تہ اُهو ڏينهن پري ناهي جو هي بزرگ پنهنجي ئي حياتي ۾ پاڻ سان گڏ پنهنجي ٻچڙن کي خوشحال ۽ ستابو ڏسندا ۽ ان جو سَهرو ڳوناڻي علائقن ۾ ترقي جي حوالي سان شانہ بشانہ بيٺل سرسو ڏانهن ويندو.

ڳوٺ گداحسين شر جي بزرگ دوست تنظيم پاران وفد جي ڀرپور آجيان ڪندي تنظيم جي صدر سومر خان شر سرسو جا ٿورا مڃيا ۽ سندس تنظيم پاران کنيل قدمن، متن ۽ مقصدن بابت تفصيل ٻڌايا.

ان وفد ۾ شامل هيلپ ايج انٽرنيشنل جي ڪنٽري ڊائريڪٽر مس عجيبا ڪي اسلم، ۽ سينيئر پروگرام مئنيجر HAI سيد معيذالدين وقاص، جڏهن تہ HAI جو شهزادو خاصخيلي، ڊسٽرڪٽ مئنيڪر شڪارپور عبداللطيف سومرو ۽ ٻيا پڻ شامل هئا.



بزرگ تنظيم جي صدر وفد کي ٻڌايو تہ ڳوٺ گدا حسين شر جي ڪل آبادي 1200 آهي، ڳوٺ ۾ ڪل گهر 280 آهن. جن ۾ ڪچا گهر 200 ۽ پڪا 80 گهر آهن. ذريعہ معاش زراعت، مال مويشي ۽ واڻُ ناهڻ آهي جڏهن تہ مال مويشين جو تعداد 515 رڍون 65، ٻڪريون 95، مينهون 45، ڳئون 75 ۽ ڪڪڙيون 236 آهن. هڪ پرائمري اسڪول ۽ OPA ميمبرن جو تعداد 64 آهي، جن ۾ مرد بزرگ 28، عورت بُزرگ ميمبرن جو تعداد 30 ۽ معزورن جو تعداد 06 آهي. هن ٻڌايو تہ هتي بزرگ دوست تنظيم جولاءِ 2013ع ۾ سرسو ۽ هيلپ ايج انٽرنيشنل جي سهڪار سان قائم ٿي تہ جيئن بزرگن لاءِ معاشي مدد ۽ سماجي تحفظ يقيني ٿئي.

سندس مطابق تنظيم علائقي ۾ امن ۽ امان سميت معزورن جي ڀلائي لاءِ مختلف سماجي ۽ سرڪاري ادارن سان رابطہ ڪاري ڪري بزرگن جي عزت ۽ مان مٿاهين ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪري ٿي.

ان موقعي تي آسڪر فريڪلن پروجيڪٽ تحت فائدا حاصل ڪندڙ بزرگ مردن ۽ عورتن کان الڳ الڳ تفصيلي انٽرويو ورتا ۽ چيو تہ بيشڪ لنڊن جي پيٽ ۾ هتي زندگي وڌيڪ ڏکئي آهي. پر، توهان جا حوصلا ۽ کنيل قدم کنهن بہ لحاظ کان لنڊن ۾ رهندڙ بزرگن کان گهٽ ڪين آهن. هِن چيو تہ توهان جون ڳالهيون ۽ ٻڌايل تجربا اسان کي توهان جي مسئلن ۽ ضرورتن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي. منهنجي ڪوشش هوندي تہ مان ٿورڙي وقت ۾ اوهانجي مسئلن ۽ ضرورتن کي سمجهي لنڊن ۾ ويٺل پنهنجي آفيسرن تائين اوهان جون ڳالهيون پهچايان.

ان موقعي تي مهمانن هتان جي عورتن پاران هٿ سان ناهيل ويهاڻن جون ڇَئون، برٽ، گجرا ۽ ٻيون شيون ڏسي ساراهيو ۽ بيحد دلچسپي ظاهر ڪندي خريد ڪيا ۽ ساڻن گروپ فوٽو پڻ ڪيرايا.

ان کان بعد وفد OPA ڳوٺ آدم خان لاشاري، يونين ڪائونسل جاڳڻ ضلع شڪارپور جو دؤرو ڪيو جتي تنظيم جا مڙئي عهديدارن مَرد ۽ عورتون موجود هيون. OPA ڳوٺ آدم خان لاشاري جي صدر غلام نبي لاشاري وفد کي

بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته هن ڳوٺ جي ڪل آبادي 6721 آهي، OPA تحت بزرگ مردن جو تعداد 22، عورت بزرگ 29 جڏهن ته معزورن جو تعداد 06 آهي. ڪل گهرن جو تعداد 125، پڪا گهر 04، ڪچا گهر 117 ۽ ڪکائن گهرن جو تعداد 04 آهي. هن ٻڌايو ته اهو ڏينهن خوشنصيب ڏينهن سمجهون ٿا جنهن ڏينهن سرسو سان گڏجي هيلپ ايج وارا اسان جي ڳوٺ آيا. اسان کي آگاهي ڏني، تربيت ڏني ۽ پروجيڪٽ تحت گهربل ضرورتون پوريون ڪيون. ان موقعي تي آسڪر فريڪلن هِڪ هِڪ بزرگ کان حال احوال ورتو. سندن زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ مسئلن ۽ ضرورتن بابت ڳالهايو ۽ تنظيم جي ڪنيل قدمن بابت پڇا ڪئي.

شڪارپور جي OPA مان ٿيندي وفد ضلعي جيڪب آباد جي ڳوٺ غلام محمد لاشاري، يونين ڪائونسل ٻچڙو



تعلق نل جي بزرگ دوست تنظيم جو دؤرو ڪيو. تنظيم جي عهديدارن پاران مهمانن جو شاندار استقبال ڪري ڪين ڳاڙها گل نڇاور ڪيا. هتان جي بزرگ دوستن تنظيم جي صدر عبدالله ڪين بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته تنظيم ۾ بزرگ مردن ۽ عورتن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) جا ڪارڊ حاصل ڪرڻ سميت سندن لاءِ صحت جون سهولتون حاصل ڪرڻ تائين هتان جي OPA جون نمايان ڪاميابيون آهن. هن ٻڌايو ته تنظيم قرض فراهم ڪندڙ بئنڪن سان رابطو قائم رکڻ سميت OPA فيڊريشن سان گڏجي پيروڪاري مهم پڻ هلائي رهي آهي ۽ بزرگن جا مسئلا هتان جي مقامي سياستدانن ۽ ضلعي آفيسرن تائين پهچائيندي رهي ٿي. پاڪستان بيت المال ۽ عشر زڪوات مان علاج لاءِ سهولتون پڻ فراهم ڪيون ويون آهن. بعد ۾ آسڪر فريڪلن ڪائنڻ الڳ الڳ انٽرويو ورتا ۽ سرسو HAI پاران فراهم ٿيندڙ تربيتن ۽ بين مطالبن تي ڳالهائي خوشي جو اظهار ڪيو.

اهڙي دؤري ڪرڻ بعد ٻئي ڏينهن تي وفد سرسو ڪامپليڪس ۾ ڪوٺايل ساليانى ڪارڪردگي گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام جو آغاز قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو. تنهن بعد هيلپ ايج پروجيڪٽ جي فوڪل پرسن ۽ نيچرل ريسورس مئنيجمينٽ (NRM) جي سينيئر مئنيجر نثار احمد پناڻ گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪيو ۽ ساڻن مخاطب ٿيندي چيو ته HAI تحت هلندڙ پروجيڪٽ "Empowering older people improve lives" کي هڪ سال مڪمل ٿي چُڪو آهي ۽ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان کي باقاعده مثبت سوچ رکي اڳتي وڌڻو پوندو ته جيئن اهڙن پروجيڪٽس جي تڪميل کان بعد بہ اِن جا نمايان ۽ ديرپا اثر واضع ڏسي سگهجن. نثار پناڻ سوشل موبيلائيزيشن جو ڏيان ڇڪائيندي چيو ته گِراس روٽ ليول (Grassroots level) تي

اصل ڪم ڪندڙ توهان فيلڊ اسٽاف آهيو. جيڪي ڪنهن بہ ادارن جو سرمايو هوندا آهن. ڪنهن بہ پروجيڪٽ جي ڪاميابي ۽ ناڪامي سڌوسنئون فيلڊ اسٽاف تي دارومدار رکي ٿي. هن چيو تہ اڄوڪي سالياني گڏجاڻي ۾ اسان کي ۽ توهان کي گڏجي اِهو ڏسڻو آهي تہ بزرگ دوست تنظيمون بزرگن جي حقن جي تحفظ لاءِ جيڪي پيروڪاري مهم هلايون آهن انهن ۾ سندن حقن ۽ انهن سان لاڳاپيل مسئلن کي ڪيئن ٿا موضوع بڻايون. گذريل هڪ سال دوران توهانجا ڪهڙا تجربا ۽ مشاهدا رهيا آهن تہ جيئن انهن کي جانچي ۽ پرکي اسين ايندڙ وقت ۾ گذريل سال جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڪاميابيون ماڻي منزلون طئہ ڪندي پنهنجا قدم مسلسل بزرگن جي فلاح ۽ تحفظ لاءِ اڳتي وڌايون تہ جيئن اهڙين پيروڪاري مهمن ۾ بزرگن جي آمدني جي محفوظ ذريعن سميت سماجي وظيفن، پينشن، ننڍين قرضن جي اسڪيمن تائين ڪين رسائي، بزرگ دوست صحت جون سهولتون ۽ سماجي تحفظ جي ادارن تائين ڪين پهچ کي وڌيڪ آسان بڻائي سگهجي.

HAI جي ڪنٽري ڊائريڪٽر مس عجيبا ڪي اسلم ڳالهائيندي چيو تہ بزرگن جي پروجيڪٽس جي حوالي سان سرسو سان گڏجي اسان نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، هن چيو تہ سندس نظر ۾ ”Age Int:“ سرسو ۽ HAI ۾ ڪو خاص فرق نہ آهي. ڇوتہ اسان سڀ گڏجي پوري دل سان پنهنجو پنهنجو ڪردار نڀائي رهيا آهيون. هن چيو تہ اڄ ڏسڻو آهي تہ هن پيروڪاري مهم شروع ڪرڻ کان اڄ ڏينهن تائين ڪهڙا گهربل نتيجا نڪري سگهيا آهن. ماڻهن جي زندگي تي ڪيتري حد تائين اثر ٿيو آهي.

هن سوشل موبيلائيزيشن ٽيم سان مخاطب ٿيندي چيو تہ توهان خوش نصيب آهيو جو اوهان کي جواني ۾ بزرگن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. مان چاهيان ٿي تہ توهان اڳتي بہ اهڙي ئي جذبي سان ڪم ڪيو جهڙي جذبي سان ڪندا آيا آهيو.

آسڪر فريڪلن پنهنجي اداري ”ايج انٽرنيشنل“ بابت تفصيل ٻڌايا ۽ چيو تہ سندس ادارو عمومي طورتي 50 سالن کان وڌيڪ ڄمار وارن ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري ٿو. هن چيو تہ دنيا ۾ ڄمار جي شرح 70 سالن تائين آهي. ان موقعي تي آسڪر گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندڙن جي سوالن جا جواب پڻ ڏنا. تنهن بعد HAI جي سينيئر پروگرام آفيسر سيد معيذالدين گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي چيو تہ ان ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پروجيڪٽ اندر اسانجي ٽيمن تمام گهڻيون ڪاميابيون (Achievements) حاصل ڪيون آهن ۽ مختلف قسمن جي ڏکيائن کي منهن پڻ ڏنو آهي. اسين سرسو جا بيحد شُڪرگذار آهيون جنهن پيشاورانہ مهارتن سان HAI جي پروجيڪٽس کي مڪمل ڪيو آهي.



هن وڌيڪ چيو تہ HAI جا سرسو جي آپريشن مئنيجرن سان ڳالهہ جي پيٽ ۾ اڄ وڌيڪ سُٺا ۽ مضبوط لاڳاپا آهن.

هن ساليانی ڪارڪردگي گڏجاڻي ۾ شريڪ پروگرام مئنيجر HAI شهزادو خاصخيلي، فنانس آفيسر عبدالشڪور شيخ ۽ امتياز شيخ HAI-MER پروجيڪٽس تحت پنهنجين بريفنگ ۾ تجربا ۽ مشاهدا پڻ پيش ڪيا.

گڏجاڻي جي آخر ۾ الڳ الڳ گروپس جي شڪل ڏئي، انهن کان OPAs جي نهڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سندن تجربا، طريقا، ڏکيائيون ۽ رايا معلوم ڪيا ويا. انهيءَ تي ساليانی ڪارڪردگي گڏجاڻي پنهنجي اختتام تي پهتي.

# LEP روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ وارو پروجيڪٽ

## (گھوٽڪي ضلعي ۾ غربت جي خاتمي جو هِڪ جامع پروگرام)

امام علي ڏيٿو
دسٽرڪٽ مئنيجر - گھوٽڪي

انساني ترقي جي حوالي سان سنڌو درياء جو لنگھہ، نيشنل هاءِ وي ۽ موٽروي جھڙيون شاهراهون تمام گھڻي اهميت رکن ٿيون. سنڌ جي هڪ اهم ضلعي گھوٽڪي کي اهو شرف حاصل آهي تہ سنڌو درياء جو لنگھہ توڙي نيشنل هاءِ وي جھڙا منصوبا منجھانئس لنگھن ٿا. اُهي ضلعا ۽ علائقا خوشنصيب آهن جن ۾ اهڙيون نعمتون موجود آهن.

جڏهن تہ بدقسمتي وري اها آهي جو گھوٽڪي ضلعي منجهان سنڌو درياء جو لنگھہ هئڻ، نيشنل هاءِ وي ۽ هاڻ وري نيشنل راهداري اسڪيم جو بہ وٿائنس لنگھہ هئڻ ۽ گڏوگڏ ايف.ايف.سي (FFC)، اينگرو فرٽيلائيزرس، ماڙي گئس ۽ قادرپور گئس جھڙيون صنعتون هئڻ باوجود اڄ بہ گھوٽڪي ضلعي جو گھڻو حصو ترقي ۽ تبديلي واري هن جديد دؤر ۾ بنھہ پٺتي پيل آهي. اهڙن علائقن ۾ خانپور جو سمورو تعلقو هن جديد دؤر ۾ ماڻهن جي بنيادي مسئلن جي اٿھوند جو شڪار آهي. جنھن ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي، روڊ رستا، تعليم ۽ صحت جون سهولتون نہ هجڻ جي برابر آهن. ۽ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. جڏهن تہ گھوٽڪي تعلقي جون ڀهراڙيون پڻ انتهائي پوئتي پيل آهن. جن ۾ سر فهرست باگو ڏهو، علي باغ، ٻيرڙي جون يونين ڪائونسلون شامل آهن.



پاڪستان ۾ غربت جي خاتمي لاءِ ڪم ڪندڙ اداري ”پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ (PPAF) سرسو جي گڏيل سهڪار سان مٿي ذڪر ڪيل علائقن ۾ غربت جي خاتمي لاءِ هڪ وڏو ۽ جامع منصوبو تيار ڪيو، جيڪو هن ضلعي ۾ 2012ع کان 2015ع تائين عمل پيرا رهيو. جيتوڻيڪ اسان هِن ئي سرسو ميگزين ۾ اهڙي منصوبي جيڪو ”روزگار جي تحفظ ۽ واڌاري“ يعني Livelihood Enhancement & Protection (LEP) جي نالي سان شروع ڪيو ويو هو، متعلق هِڪ مضمون لکي چڪا آهيون، پر جڏهن اهو منصوبو / پروجيڪٽ سيپٽمبر 2015ع ۾ ختم ٿي چڪو آهي. تڏهن ان منصوبي جي افاديت ۽ ان جي غريب ماڻهن جي معيارِ زندگيءَ تي پوندڙ اثرن متعلق هي هِڪ الڳ ليک ڏئي رهيا آهيون.

جيتوڻيڪ ان منصوبي جا ٽي مکيہ حصا هئا، جن ذريعي غريب خاندانن جي چونڊ ۽ بعد ۾ انهن جي مالي ۽ سماجي حيثيت ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، اهڙين حڪمت عملين ۾ سرفهرست غريب خاندانن جي اثاثن ۾ اضافو ڪرڻو هو، جنهن هيٺ ضلعي جي 6 چونڊ غريب ترين يونين ڪائونسلن ۾ 2653 خاندانن جا غربت جي خاتمي لاءِ منصوبا جوڙيا ويا. جنهن تحت انهن دوڪانداري ڪرڻ ۽ مال مويشي پالڻ کي ترجيح ڏني. ۽ 178 خاندانن پنهنجن منصوبن ۾ ڪريانہ جا دوڪان کولڻ، پنڪچر شاپ کولڻ، ننڍن ننڍن شهرن ۾ مانڊٽيون کولڻ، اسپيئر پارٽس جا دوڪان کولڻ، سبزي جي دوڪانن سميت چانھ جي هوٽلن، گڏھ گاڏا هلائڻ، ريڙها ۽ ڪيبن کوليون، جيڪي اڄ ڏينهون ڏينهن اڳيرا آهن. اثاثن هيٺ دوڪان ملڻ وقت جيڪڏهن سندن دوڪان يا ڪاروبار ۾ سيڙپڪاري 25 هزارن کان 50 هزارن تائين هئي تہ اڄ اهڙن دوڪانن ۾ سندن سِيڙپَ هِڪ لک روپين تائين پهچي وئي آهي. جِتي هڪ طرف انهن جي ماهوار آمدنيءَ ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي تہ ٻئي طرف دوڪان ۾ موجود شين جي کپت ۾ اضافو ٿيڻ سبب دوڪان جي سيڙپ ۾ اضافو پڻ ٿي رهيو آهي. ڪافي دوڪان ۽ ڪاروبار اهڙا بہ آهن جتي مارڪيٽ جي ضرورت کي سامهون رکندي دوڪاندارن پنهنجي دوڪان جي وُسعت ۾ واڌارو بہ آندو آهي، مثال طور: پهريان ڪريانہ شاپ مان ترقي ڪري، دوڪاندار پَرِ ۾ سبزي جو اضافي دوڪان پڻ کولي ورتو آهي. ڪريانہ شاپ سان گڏ چپل شاپ جو بہ اضافو ڪيو آهي. اسپيئر پارٽس جي دُوڪان سان گڏ پنڪچر شاپ کولڻ يا ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ پيٽرول جو وڪرو ڪرڻ جهڙا اضافي ڪاروبار پڻ شروع ڪيا ويا آهن. جيڪي پروجيڪٽ جي مقصد جي عين ترجماني ڪن ٿا. اهڙن سيني دوڪانن ۽ ٻين ڪاروبارن جي پروجيڪٽ جي آخر ۾ ڪيل سروي مان اها ڳالھ سامهون آئي آهي تہ 50 هزار روپين جي امداد ملڻ ڪانپوءِ اهڙن غريب خاندانن دوڪان کوليا ۽ ٻيا ڪاروبار ڪري ان مان بي پناھ فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ ان ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. جيتوڻيڪ سندن ٻيا ڪاروبار ۽ دوڪان ڏينهون ڏينهن اڳيرا آهن. ۽ هِن وقت سندن روزاني بچت 200 روپين کان 600 روپين تائين رڪارڊ ڪئي وئي آهي، جنهن



سبب سندن گهر جون مالي حالتون ڪافي بهتر بڻجي ويون آهن. جڏهن ته آمدني ۾ اضافو ٿيڻ ۽ سندن مُسلسل تربيتون ٿيڻ سبب سندن رَوِش، ورتاءُ ۽ سلوڪَ ۾ پڻ مثبت تبديلي نوٽ ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ اهڙي گرانٽ



زياده تر عورتن جي نالي ۾ ڏني وئي آهي. جنهن سبب اهڙي دُڪان يا ڪنهن ٻئي ڪاروبار جي نالي هيٺ اثاثي جي مالڪياڻي اُها عورت ئي آهي. ان ڪري ان عورت جي خاندان ۾ ذاتي حيثيت ۾ اضافو ڏسڻ ۾ آيو آهي. ساڻس مڙس جو ورتاءُ پڻ نسبتاً بهتر ٿيو آهي. اهڙين عورتن جو گهر ۽ ڳوٺ ۾ حيثيت ۾ به واڌارو آيو آهي.

اثاثن ۾ دوڪان کولڻ ۽ ٻيا ڪاروبار ڪرڻ سان گڏوگڏ زياده تر خاندانن مال مويشي پالڻ کي ترجيح ڏني، جنهن هيٺ 24 سؤ غريب ترين عورتن ڍڳيون، وهڙيون، مينهون ۽ ٻڪريون ورتيون آهن، جيڪي انهن مان کير حاصل ڪري، انهن جا ڦر نپائي وڏا ڪري پنهنجي آمدني ۾ اضافو آڻي رهيون آهن.

هِن پروجيڪٽ تحت مال مويشي جي نالي تي هلندڙ اثاثي جي قيمت/اگهه (Value) وڌائڻ لاءِ ان ۾ ڪافي بهتريون آنديون ويون (جيڪي هيٺ ڏنل آهن) جنهن سان اهڙين غريب عورتن کي زبردست فائدو رسيو آهي، جن اثاثن هيٺ مال مويشي پالڻ کي ترجيح ڏني؛

1. مال مويشي ملڻ کان بعد ان جي سارسنڀال ۽ پالنا متعلق ٿيندڙ تربيتي ڪورس ۽ ان جي معلوماتي ڪتاب ۾ بهتري آندي وئي، ۽ اها تربيت فيميل وٽرنري ڊاڪٽرياڻين کان ڪرائي وئي، جيڪي زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان اعليٰ تعليم يافته هيون.



2. مقامي نسل جي پيٽ ۾ ڪراس نسل جون وهڙيون خريد ڪيون ويون، جيڪي کير جي وڌيڪ پيداوار ڏيڻ سبب دنيا ۾ مشهور نسل فريزين ۽ جرسي جيڪو ساهيوال ۽ چولستاني سان ڪِراس آهن. اڄ گهوٽڪي ضلعي ۾ 12 سؤ کان وڌيڪ ڪِراس نسل جون وهڙيون ڏنيون ويون آهن.

3. اهڙين سڀني وهڙين جو ويمو به ڪرايو ويو، ته جيئن مري

وجڻ جي صورت ۾ غريب عورتن کي ٻيهر ملي سگهن.

4. وهڙيون ڏيڻ کان پهريان انهن جي ميڊيڪل چڪاس ڪرائڻ جو رٿيو ويو، جنهن لاءِ هڪ وٽرنري ڊاڪٽر جون ڪنسلٽنٽ طور تي خدمتون حاصل ڪيون ويون. وهڙين لاءِ مقرر معيار تي پورو لهڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر پاران هرهڪ وهڙي لاءِ معيار تي پورو ۽ صحتمند هجڻ جو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو ۽ فقط اهي وهڙيون ئي اثاثي طور غريب خاندان کي منتقل ڪيون ويون.

5. مال مويشي جي صحت جي چڪاس ۽ علاج لاءِ موبائيل ڪلينڪ سروس شروع ڪئي وئي، جنهن ذريعي هڪ ڊاڪٽر ۽ ٻه اسسٽنٽ ڳوٺ ڳوٺ وڃي غريب عورتن کي مليل ڍڳين ۽ مينهن جو مفت علاج ڪيو.

6. کير جي بهتر پيداواري نسل جرسي، فريزين، ساهيوال ۽ چولستاني نسل کي وڌائڻ لاءِ هٽرادو طريقي سان ٻج رکرايو ويو ته جيئن غريب خاندانن وٽ بهتر نسل جي جانورن ۾ اضافو ٿئي.

هن وقت ضلعي جي ذڪر ڪيل ڇهن ئي يونين ڪائونسلن ۾ ڪافي تعداد ۾ ڪراس نسل جون ڍڳيون ويامي چڪيون آهن، جن جي کير جي پيداوار 5 کان 10 لٽر روزانه تائين رڪارڊ ڪئي وئي آهي. زياده تر عورتون 2 کلو کان 6 کلو تائين کير کپائي رهيون آهن. جنهن سان ڪين 120 روپيا روزانه کان 400 روپيا روزاني آمدني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. جنهن سبب سندن مالي حالتون بهتري طرف وڌي رهيون آهن ۽ اهوئي LEP پروجيڪٽ جو مقصد آهي. گڏوگڏ اهڙن غريب خاندانن مان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جون مختلف تربيتون پڻ ڪرايون ويون ته جيئن اهي هنر سکي ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن.



LEP پروجيڪٽ ۾ غريب عورتن کي ننڍا ننڍا قرض پڻ ڏنا ويا، ۽ 267 عورتن کي 20 هزار روپين تائين مقامي تنظيم LSO ذريعي قرض ڏنو، جن اها رقم مال مويشي جي بهتر پالنا، زرعي ٻج ٻاڻ ۾ استعمال ڪئي آهي ۽ ننڍا ننڍا دوڪان کولي ان رقم سان منافع بخش ڪاروبار شروع ڪيا آهن.

اهڙي ريت LEP پروجيڪٽ مان يقيني طور تي 6 يونين ڪائونسلن جي 10 هزار غريب خاندانن کي سڌي توڙي اڻسڌي طرح فائدو پهتو آهي. جيڪي دوڪانداري، مال مويشي جي بهتر پالنا ۽ ٻيا ڪاروبار، تربيتن ۽ ننڍن قرضن مان لاڀ حاصل ڪري پنهنجي ماهوار آمدني ۾ خاطرخواهه اضافو ڪري رهيا آهن. ذڪر ڪيل سرگرمين ۽ انهن جي نتيجن آڌار هاڻي دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته 6 يونين ڪائونسلن ۾ رهندڙ 10 هزار خاندان جلد ئي غربت مان نڪري بهتري طرف ايندا.

*

# بزرگن جي ڀلائيءَ وارو پروگرام

نثار احمد پناڻ
فوڪل پرسن HAI

هيلپ ايج انٽرنيشنل جنهن جو هيڊ ڪوارٽر لنڊن ۾ آهي. سو دنيا جي بزرگن جي وڪالت ڪندي سندن ڀلائي، ڀهبودي، معاشري ۾ اعليٰ رتبو ۽ مقام ڏيارڻ، ڪين روزگار مهيا ڪندي معاشري جو ڪارآمد باشندو بنائڻ لاءِ ڪيترن ئي ملڪن ۾ جاڳرتا هلائيندي مختلف پروگرام ڪري رهيو آهي.



پاڪستان دنيا ۾ ڇهون نمبر وڏو ملڪ ڳڻيو وڃي ٿو جتي 60 سالن کان وڌيڪ ڄمار وارا باشندا رهن ٿا. جن وٽ تجربو ۽ ڏاهپ آهي. پر معاشري اهڙي مٽيادار ماڻهن کي پاسيرو رکندي انهن کان منهن موڙي ڇڏيو آهي. نوجوانن جو رايو آهي ته اهي بزرگ هاڻي گهر وارن تي بوجھ آهن، جا سندن سراسر غلط فهمي آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن 2010ع کان هيلپ ايج انٽرنيشنل اداري سان ملي بزرگن جي ڀلائي وارا پروگرام ضلع جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ هلائي رهيا آهن ته جيئن بزرگن کي مصروف رکندي ڪين فائديمند فرد بڻايو وڃي. هي اهڙا سينيئر رهواسي آهن جن جي تحفظ ۽ حقن جا دنيا ۾ قانون ناهيل آهن جن کي دستور ساز ادارن منظور ڪندي عملي جامو پهرايو آهي.

سنڌ ۾ اهڙي قانون کي پارليامينٽ مان منظور ڪرائڻ لاءِ بزرگ دوستن جون تنظيمون جاکوڙي رهيون آهن. سندن ملاقاتون تڪ جي چونڊيل نمائندن سان جاري و ساري آهن. هن پروگرام جي مدد سان بزرگن ۾ ايڪو ۽ ڀڙدي اڇي ويو آهي ۽ هو تنظيمي سطح تي بچت پڻ ڪري رهيا آهن. بزرگ دوست تنظيمن پنهنجي ڳوٺن جي بهبود ۽ ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ تي مختلف ادارن سان لهه وچڙ ڪري رهيا آهن. جنهن جي مدد سان سندن ڳوٺن ۾ بند پيل اسڪول ۽ بنيادي صحت مرڪز ٻيهر ڪم ڪري رهيا آهن.

هي تنظيمون پنهنجي حقن لاءِ جاکوڙيندي مختلف ادارن سان رابطا ڪاري مهم هلائي رهيون آهن جنهن ۾ بينظير انڪم سپورٽ، هدايه ٽرسٽ، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، زرعي ترقياتي بئنڪ، فرسٽ مائيڪرو فنانس NRSP بئنڪ، بيت المال ۽ EOBI جهڙا ادار شامل آهن.



بزرگ دوست اکين جي لڳايل ڪيمپن مان فائدو حاصل ڪندي ڪچن گارڊننگ ۽ مرغباني جهڙا ڪم ڪري رهيا آهن ته جيئن هو مصروف رهندي آمدني پڻ ڪمائي سگهن.

ٻه ڪروڙ روپين جي رقم واري پروگرام تحت بغير

وياج جي قرض طور بزرگن کي ڏني وئي آهي، تہ جيئن هو تنظيمي سطح تي ان رقم کي ڦيرگهير ڪري پنهنجي ڪاروبار کي ترقي وٺرائي سگهن.

**ڪيل ڪم جو وچور 1 نومبر 2014 نومبر 2015ع تائين**

| نمبر | تفصيل | تعداد |
|---|---|---|
| 1 | بزرگ دوستن جون ٺاهيل تنظيمون | 107 ميمبر 6050 |
| 2 | بزرگ دوستن جي تنظيمن جون تربيتون | 107 |
| 3 | بزرگ دوستن تنظيمن کي ٻيهر سراسري تربيتون | 107 |
| 4 | انگ اکر گڏ ڪرڻ جون تربيتون | 16 |
| 5 | منصوبہ بندي ۽ نگهباني ڪرڻ جون تربيتون | 08 |
| 6 | پيروڪاري تي مبني تربيتون | 16 |
| 7 | پيروڪاري مهم | 10 |
| 8 | ڄاڻ لاءِ فراهم ڪيل مواد | 1100 |
| 9 | لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن سان رابطا ڪاري | 100 |
| 10 | قانون جي برابري واري ڏنل مدد | 196 |
| 11 | صوبائي سطح تي ڪيل سيمينار | 03 |
| 12 | اکين جي لڳايل ڪيمپ | 01 |
| 13 | بغير وياج تي ورتل قرض | 2 ڪروڙ |
| 14 | 5-10 سيڪڙو وياج تي ورتل قرض | فارم ڀرجي رهيا آهن |
| 15 | لڳايل ٻوٽن جو تعداد | 90 هزار |













# جوت جلندي رهي - لاٽ ٻرندي رهي

زيب النساء سومرو
سوشل آرگنائيزر HAI

مسمات نواب خاتون جو تعلق مرزاپور ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور سان آهي. ستن ٻارن جي امڙ نواب خاتون جو مڙس ست سال اڳ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو هيو، جنهن سبب سندس گهر جو چرخو مشڪل سان هلي رهيو هو. پر مسمات نواب خاتون همٿ نہ هاري ۽ پنهنجي گهر کي غربت مان آجو ڪرائڻ ۽ گهر جي آمدني وڌائڻ لاءِ ڪجھ ڪرڻ پئي چاهيو. انهيءَ سلسلي ۾ هن پنهنجو پاڻ کي تنظيمي سجاڳيءَ واري عمل سان واڳيو، انهيءَ دوران فيبروري 2015ع ۾ سرسو بزرگ دوست تنظيم جو بنياد سرسو هيلپ ايج جي پراجيڪٽ تحت پيو، جنهن ۾ مسمات نواب خاتون بہ شموليت اختيار ڪئي ڇو تہ ان وقت سندس عمر 60 سال هئي.

مسمات نواب خاتون ٻڌائي پئي تہ آءُ پنهنجي ڳوٺ ۾ نوابن وانگر زندگي گذاري رهي هيس پر اوچتو مڙس جي وفات ڪانپوءِ منهنجي مٿان گهر ۽ ٻارڙن جي ذميداري آئي جنهن صفا جهيڻو ڪري ڇڏيو. پر مون همٿ ۽ حوصلي جو دامن نہ ڇڏيو ۽ مون LSO "جياپو" جي ساٿي عورتن سان رابطو ڪيو ۽ پوءِ ميمبرن سان گڏجي مون ڳلائي جا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا. بزرگ دوست تنظيم جي ميمبر بہ هيم. مون ميمبرن کي گڏجي ڪم ڪرڻ جو اتساھ پيدا ڪيو ۽ اسين گڏجي ٻين ادارن سان رابطہ ڪاري مهم شروع ڪئي سين.



**"هلو هلو ڪورئين، نازڪ جنين جو نينهن،گنڊين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سکيا،"** مثل اسين هدايہ ٽرسٽ سان رابطو ڪيوسين، پنهنجي تنظيم ۽ ڪم ڪار جو احوال ڪيوسين تہ انهن اسان کي هڪ قرآن پاڪ ۽ نوَ نوَ ڪپڙن جا وڳا ۽ ٻيون شيون ڏنيون. اسين BISP آفيس بہ وياسين ۽ اتان بہ ميمبرن جي سهولت پڻ حاصل ڪئي ۽ وظيفو پڻ مقرر ڪرايو.

ان ڪانپوءِ سرسو هيلپ ايج ڪان 15 هزار في ميمبر بغير وياج قرض ورتاسين جنهن سان اسين ڪاروبار بہ شروع ڪيا. رمضان ۾ وري اسين هدايہ ٽرسٽ سان رابطو ڪوسين ۽ غريب عورتن لاءِ نلڪا ۽ راشن ورتوسين. هينئر اسين بيت المال سان رابطہ ڪري رهيا آهيون ۽ مائيڪرو فنانس بئنڪ سان پڻ لھ وچڙ ۾ آهيون تہ جيئن سيني ميمبرن کي فائدو ملي سگهي.

اسان جي گروپ OPA جو اهو عهد آهي تہ جدوجهد ۽ ڪوششون جاري رکبيون حالتن سان مڙس ماڻهو جيان منهن ڏيندي جبلن کي بہ ڏاري وينداسين. آءُ پنهنجي ساٿين کي چوندي آهيان تہ **"جي هِيانُ نہ هارين ڪوهيارل، هي ڏينهن بہ گهاري ويندا سين - ڇو پير پساري وينو آن، اُٿ ڏونگر ڏاري ويندا سين"** جي مثل **"ڏونگر ڏکوين کي تپي ڪندين ڪوھ - جي تون پاهڻ پٻ جو تہ لڳ منهنجا لوھ - جنهن چوريءَ ۾ چوھ سان پٿون ٽيندي پير تي"** جيان ڪوشش محنت ۽ غربت خلاف جنگ جاري آهي. هينئر اسان سرسو هيلپ ايج ۽ ٻين ادارن جي سهڪار سان غريب نہ رهيا آهيون ۽ خوشحالي جي عزم تحت پنهنجي OPA ۽ LSO لاءِ جاکوڙي رهيا آهيون. اهڙي جفاڪشي تحت ڪاميابين اسان جا قدم چميا آهن. سيني لاءِ منهنجو پيغام هي آهي تہ:

سورهيہ مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا وڙھ ڀاڪرين آڏي ڍال م ڍار،
مٿان تيغ ترار مار تہ مٿارو ٿئين.

# بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام ۽ سرسو : ٻه ادارا، هڪ مقصد

**قلندر امير ڪورائي**



سنڌ حڪومت پاران، بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام سال 2008 ۾ شروع ڪيو ويو هيو. هن پروگرام تحت هيل تائين تقريباً 275،000 (ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون) فائدو وٺي چڪا آهن، جن ۾ تعليم يافته، گهٽ تعليم يافته ۽ غير تعليم يافته (35-18) سالن وارا نوجوان شامل آهن. هن پروگرام جو مقصد بيروزگار نوجوانن کي مختلف شعبن ۾ تربيت ڏيئي روزگار جي قابل بنائڻ ۽ غربت کان ٻاهر ڪڍڻ آهي.

بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام جي هن وسيع تر هنري سکيا جي پروگرام ۾ (389) شعبا متعارف ڪرايا ويا آهن، جن ۾ (89) تعليمي شعبن سان لاڳاپيل ۽ (300) هنري شعبن سان لاڳاپيل آهن. هن پروگرام ۾ هر خواهشمند پنهنجي تعليمي قابليت مطابق پنهنجو شعبو پنهنجي مرضي سان چونڊي سگهي ٿو ۽ ويجهي بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام جي چونڊيل تربيتي مرڪز يا اداري وٽان تربيت حاصل ڪري سگهي ٿو.

هڪ مشهور چوڻي آهي ته "هنر بادشاه آهي". هنرمند انسان ڪنهن جو محتاج نه ٿو ٿئي پر "تعليم يافته انسان هنرمندن جو محتاج هوندو آهي". سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ( سرسو ) جيڪا هڪ غير سرڪاري ۽ غير منافع بخش ادارو آهي جنهن جو مقصد پڻ ساڳيو آهي ته غريب ماڻهن کي منظم ڪري ڪين تنظيم سازي جي مالها ۾ مڙهي ۽ انهن جي لڪيل صلاحِيتن کي اجاگر ڪري تنظيمي ۽ هنري صلاحيتن کي تربيت وسيلي وڌائڻ ته جيئن غريب ماڻهو مقامي ۽ موجود وسيلن جو صحيح استعمال ڪري سگهن، ۽ اهي پنهنجي گڏيل مدد سان غربت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري پنهنجيءَ پنهنجي ايندڙ نسل جي معيار زندگي ۾ سڌارو آڻي سگهن. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)، سنڌ حڪومت، بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام جي تعاون سان اتر سنڌ جي ستن (07) ضلعن ۾ سال (15-2014) ۾ چئن (04) مهينن جي مدي وارن شعبن ۾ (2339) مرد عورتن



کي مختلف هنري سکيا جا ڪورس ڪرايا. هر ڪامياب شاگرد کي ٽريڊ ٽيسٽنگ بورڊ ڪراچي کان رجسٽرڊ سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو.

ان کان علاوه مختلف ضلعن: سکر، شڪارپور ۽ ڪنڌڪوٽ ۾ ڪامياب تربيت حاصل ڪندڙ نوجوانن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جون تقريبون منعقد ڪيون ويون، جن ۾ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ معززن کي شرڪت جي دعوت ڏني وئي ته جيئن هنن کي آگاهه ڪيو وڃي ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) حڪومت سنڌ، بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام جي تعاون سان نوجوانن کي هنري سکيا ڏيئي ڪامياب بڻايو.

ضلعي شڪارپور ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور، ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ ڪوآرڊينيٽر بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام، چيف ايگزيڪيٽو آفيسر، پروگرام مئنيجرس انسٽيٽوٽ آف مئنيجمينٽ ۽ اسڪل ڊولپمينٽ، ريجنل مئنيجر شڪارپور، ڊسٽرڪٽ مئنيجر شڪارپور ۽ پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام ۾ شرڪت ڪئي.

تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ اڪثر تربيت حاصل ڪندڙ پنهنجو روزگار ڪري رهيا آهن، ۽ پنهنجي زندگي سٺي نموني بسر ڪن ٿا ۽ پنهنجي خاندان جي پڻ مدد ڪن ٿا. خاص طور تي ارلي چائيلڊهُڊ ايجوڪيشن، سلائي ۽ هٿ جي ڀرت واري شعبي ۾ (982) ڇوڪرين کي تربيت ڏني وئي جن مان تقريباً (550) جي لڳ ڀڳ ڇوڪريون پنهنجو هنر ڪن پيون ۽ هر مهيني اندازن 3000 کان 5000 روپيه ڪمائين ٿيون.



## BBDYDP پروگرام تحت هنري سکيا وٺندڙن جو چارٽ

| نمبر | شعبو | ڪل تعداد | | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|
| | | ڇوڪرا | ڇوڪريون | |
| 1 | بئنڪنگ، فئنانس ۽ اڪائونٽنگ | 373 | 39 | 412 |
| 2 | انفارميشن ٽيڪنالوجي (ڪمپيوٽر) | 636 | 185 | 821 |
| 3 | هيچري (پيوند ڪاري) | 63 | 0 | 63 |
| 4 | ائڊوانس ٽيلرنگ/ اسٽئچنگ ۽ سِيونگ | 33 | 719 | 752 |
| 5 | هوم ميڊ پروڊڪٽس ( هٿ جون شيون) | 26 | 215 | 241 |
| 6 | ارلي چائيلڊ هڊ ايجوڪيشن ( بنيادي خواندگيءَ جي تعليم) | 02 | 48 | 50 |
| | ٽوٽل | 1133 | 1206 | 2,339 |



ڇوڪرين جي هنر کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ لاءِ سرسو- ڪرافٽ ۽ انٽرپرائيز سيڪٽر جنهن نہ صرف عورتن جي هنر کي پاڪستان سطح تي اجاگر ڪيو پر انڊيا ۽ سري لنڪا تائين انهن جي هنر کي هٿي وٺرائي رهنمائي ۽ مدد پڻ ڪئي. ساڳئي طرح سان سرسو- ڪرافٽ ۽ انٽرپرائيز سيڪٽر جي تعاون سان شڪارپور شهر ۽ ٻهراڙيءَ ۾ بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام تحت تربيت حاصل ڪري ڪامياب ٿيندڙ ڇوڪرين جا "بزنس ڊولپمينٽ گروپ" ٺهرايا ۽ انهن کي حيدرآباد ۾ ٿيندڙ نمائش لاءِ آرڊر ڏيئي انهن جي همت افزائي پڻ ڪئي.

ارلي چائيلڊ هڊ ايجوڪيشن ۾ تربيت ماڻي ڪاميابي ماڻيندڙ ڇوڪريون پرائيويٽ اسڪولن ۾ نوڪري ڪري رهيون آهن ۽ ڪجھ وري ٻارن کي ٽيوشن پڙهائي اندازن 2000 کان 2500 سئو روپيہ ماهوار ڪمائين ٿيون.







# لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”شادي شهيد“ جي ڪارڪردگي

روبينہ بلوچ
سرسو- يونٽ انچارج خيرپور



سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ترقيءَ جي ڪاروان کي جاري رکڻ لاءِ سرسو ڀاڱي ڀائيواريءَ ۽ پائدار ترقيءَ جي اصولن کي جاري رکندي پئي اچي. ڪميونٽيز کي مضبوط بڻايو پيو وڃي تہ جيئن هو پنهنجو پاڻ تي پاڙين ۽ پائدار ترقيءَ لاءِ علائقائي ۽ جديد ڪمن جي طريقي جي ميلاپ سان اڳتي وڌن، جنهنجو نتيجو آخرڪار غربت جي گهٽتائيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) غربت گهٽائڻ لاءِ غريب عورتن کي تنظيمي سطح تي منظم ڪندي ڪين هنري صلاحيتن ۾ خاطرخواهہ اضافو ڪيو آهي، تہ جيئن هو غربت جي چنبي مان آجيون ٿي هڪ عزت واري زندگي گذاري سگهن. سرسو جي محنتي ورڪر ماڻهن ۾ سماجي جاڳرتا پيدا ڪندي ڪين معاشي سطح تي پاڻ ڀرو ڪري ڪين هنري سکيائون ڏياري ڳوٺاڻين عورتن جي معيارِ زندگيءَ کي بهتر بنائڻ پڻ ڪوشان آهن. خاص ڪري اهي غريب عورتون جيڪي غربت جي لڪير کان بہ هيٺ واري زندگي گذاري رهيون آهن. ۽ هو پنهنجي گهر ۽ خاندان لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جو جذبو ۽ حوصلو رکن ٿيون.

جيئن تہ 2009ع ۾ يونين ڪائونسل شادي شهيد تعلقہ ۽ ضلعي خيرپور ۾ تنظيمن جوڙڻ جي شروعات ڪئي وئي ۽ هن وقت تائين يونين ڪائونسل شادي شهيد ۾ پاڙي وارين تنظيمن جو تعداد 138، ڳوٺاڻين تنظيمن جو تعداد 82 ۽ هڪ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”شادي شهيد“ جوڙي وئي آهي. لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن شادي شهيد جي چيئرپرسن راحبہ خاتون ۽ سندس ساٿي عورتن جي جفاڪشي ۽ جذبي تحت سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي سهڪار سان ڪوڙ سارا ڪم پنهنجي ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل جي مختلف ڳوٺن ۾ رهندڙ غريب عورتن جي بهتري لاءِ ڪرايا آهن. LSO شادي شهيد جي محنتي عورتن جون ڪاوشون ۽ جذبو ئي آهي جو اهو سلسلو اڄ بہ جاري ۽ ساري آهي.

**لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران ڪرايل ڪمن جو تفصيل،جيڪي اڃان جاري آهن.**

- يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP ۾ هڪ اهڙو حصو بہ شامل آهي جنهن تحت بيحد، غريب گهراڻن سان وابسطہ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي چونڊ ڪري انهن کي هنري مهارتن جون تربيتون ڪرايون ويندڀون آهن. انهيءَ هنري تربيتي پروگرام تحت LSO شادي شهيد ۾ 323 عورتن ۽ مردن کي مختلف تربيتون ڏياريون ويون آهن.
- ايل.ايس.او شادي شهيد جي پليٽ فارم تان مختلف ادارن سان رابطہ ڪاري مهم ذريعي صحت ۽ صفائي جي حوالي سان HANDS اداري سان ملي ڪري مختلف تنظيمن ۾ سيشن منعقد ڪراياسين جنهن ۾ عورتن کي

صحت ۽ صفائي متعلق مڪمل آگاهي ڏني وئي، انهيءَ دوران غريب عورتن کي ڪجهه صفائي طور استعمال جون ڪجهه شيون پڻ ونڊائي ڏنيون ويون.

- ايل.ايس.او چيئرپرسن راحب يونين ڪائونسل جي مختلف ڳوٺن ۾ گهر گهر وڃي ڪري عورتن کي پنهنجي تنظيم جا مثال ڏيئي همٿائي انهن جون تنظيمون جوڙايون آهن. گڏوگڏ يونين ڪائونسل ۾ مختلف عورتن جا بزنس ڊولپمينٽ گروپس نهرايا آهن، جتي عورتون هنري سکيا بعد پنهنجي آمدني وڌائڻ خاطر مختلف شيون تيار ڪري مارڪيٽ موڪلين ٿيون ۽ پنهنجي گهر ج و گذرسفر بهتر نموني سان هلائين ٿيون.



- لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جي محنتي چيئرپرسن ۽ ساٿي عورتن جي ڏينهن رات جي محنت بدولت ڳوٺ شعيب رند ۾ بينظير يوٿ پروگرام جو سينٽر هلي رهيو آهي، جتي عورتون مختلف شيون جهڙوڪ: باسڪٽ، گلدستہ، پنديون ۽ فروٽ لاءِ باسڪٽ (چبيون) وغيرو ٺاهي رهيون آهن.
- ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF): ايل.ايس. او پاران سپ کان وڏيڪ جيڪو اهم ڪم سرانجام ڏنو ويو آهي اهو آهي ڪميونٽي سطح تي فنڊ ڏيارڻ. جنهن فنڊ جو ڳوناٽي سطح تي بار بار استعمال ڪيو پيو وڃي. ڪميونٽي سطح تي جوڙيل فنڊ (CIF) جو نظام هلائڻ جي ذميداري LSO جي حوالي آهي ۽ ايل.ايس.او 18-0 گهراڻن کي وياج کان پاڪ قرض فراهم ڪرڻ جي مجاز آهي. جيڪو فنڊ مختلف وقتن تي فراهم ڪيو ويندو آهي ۽ اسين ان جي استعمال کي مانيٽر پڻ ڪنديون آهيون ۽ ان جي استعمال جي رپورٽ سرسو ڊسٽرڪٽ آفيس کي پڻ مهيا ڪئي ويندي آهي. انهيءَ شاندار سرگرميءَ تحت ايل.ايس.او شادي شهيد ۾ جيڪا رقم ڏني وئي آهي انهيءَ جو تفصيل ڪجهه هن طرح سان آهي:

ڏنل ڪل رقم: 6,203,000/ آهي ان رقم مان جن گهراڻن کي فائدو ڏنو ويو آهي، اهي آهن 616، ٻاڙي سطح جون تنظيمون آهن 63 ۽ ڳوناٽي سطح جون تنظيمون آهن 37 انهن سمورين غريب عورتن کي هن وقت تائين CIF ڏنو ويو آهي. ماشاءالله هاڻ هو انهيءَ پئسي کي ڦيرگهير ڪندي ڪافي فائدو حاصل ڪري رهيون آهن.

- يونين ڪائونسل شادي شهيد ”ايل.ايس.او شادي شهيد“ ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اندر Unicef ۽ RSPN جي تعاون سان ٻارن جي حقن متعلق هڪ پروجيڪٽ CRFA هلي رهيو آهي. هن پراجيڪٽ تحت يونين ڪائونسل جي 36 ڳوٺن مان چونڊيل اُهي 205 غريب گهراڻن جا ٻارڙا جيڪي اسڪول ۾ داخل نہ آهن يا جيڪي اسڪول نہ پيا وڃي سگهن، انهن 205 گهراڻن کي مالي سهائتا ڪندي ڪين -/27,91,000 جي رقم ڏياري وئي آهي تہ جيئن هو پنهنجي هلندڙ ڪاروبار ۾ سيڙپ ڪاري ڪري آمدني وڌائين ۽ اسڪول نہ ويندڙ پنهنجي ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائين ۽ پنهنجي معصوم ٻارن جو مستقبل روشن بڻائين. اهڙي طرح هن پراجيڪٽ ۾ LSO شادي شهيد جي پليٽ فارم تان ٻارن لاءِ مختلف تربيتون، ۽ ٻارن لاءِ مختلف تعليمي سرگرميون ترتيب ڏنيون ويون آهن تہ جيئن ٻارڙن ۽ والدين ۾ تعليم جو شعور وڌي ۽ اهي ٻارڙا اڳتي هلي پنهنجي ڳوٺ ۽ ملڪ لاءِ هڪ قيمتي سرمايو بڻجي سگهن.

# گگدام جانورن واري پراجيڪٽ جو حال احوال

نثار احمد پناڻ
مئنيجر NRM




قاهره، مصر جو شهر آهي، ڊوڙتي بروڪ پنهنجي فوجي مڙس سان 1930ع ۾ دنيا جي لڳل عالمي جنگ جي دوري دوران ڦٽيل ۽ زخمي ٿيل گگدام جانور جڏهن ڏٺا ته انتهائي مايوس ۽ افسرده ٿي وئي.

ان عالمي جنگ ۾ فوج گڏهه گهوڙن ۽ خچرن تي ڪاڌي پيتي جو سامان ۽ اسلحو ڍوئي رهي هئي. اهڙي سخت پورهئي لاءِ ڏينهن رات مذڪوره جانورن کان ڪم پئي ورتو ويو. ڇاڪاڻ ته جنگ جو ماحول هيو هرڪو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ حيران ۽ پريشان هيو.

ڊوڙتي بروڪ کي زخمي گڏهن، گهوڙن ۽ خچرن تي ڏاڍو ترس ۽ ڪهل آئي. هن پهرين فرصت ۾ اخبار ۾ چندو گڏ ڪرڻ لاءِ اشتهار ڇپرايو. چندي جمع ٿيڻ بعد هن رحمدل عورت فوراً وٽرنري ڊاڪٽر پرتي ڪيا ۽ مخير ۽ نرم دل ماڻهن تي مشتمل هڪ نگهبان ڪميٽي ٺاهي. جنهن زخمن سان چُور جانورن جو علاج ڪرڻ شروع ڪيو.

ڏينهن رات توجهه سان علاج ۽ نگهباني ڪري حوصلا افزا نتيجا سامهون آيا. زخمي ۽ بيمار جانور ٺيڪ ٿيڻ لڳا، اهڙا نتيجا ڏسي ڊوڙتي بروڪ خوشي وچان گدگد ٿيڻ لڳي ۽ ڪيس دلي سُڪون محسوس ٿيڻ لڳو. هن رحمدل عورت 1934ع ۾ ”اولڊ ميموريل اسپتال“ قائم ڪئي. جتي قائره (مصر) جي گهوڙن، گڏهن ۽ خچرن جو مفت علاج ڪيو ويندو هيو. ان بعد دي بروڪ اسپتال براءِ حيوانات جو قيام وڌو ويو.




اڄ هي ادارو پاڪستان، افغانستان، مصر، هندوستان، اردن، ڪينيا، نيپال، گوئٽي مالا، نڪاراگئا، اٿوپيا، آفريڪا وغيره ۾ ڪروڙن جي تعداد ۾ گڏهه، گهوڙن ۽

خچرن جو نہ صرف مفت علاج ڪرائي ٿو پر انهن جي بهتري لاءِ هڪ جامع رٿابنديءَ هيٺ وسيع ترين پروگرام هلائي رهيو آهي.




2009ع ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سان هن اداري سنڌ جي ضلعي جيڪب آباد ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ معائدي تي صحيح ڪئي. اهڙو ڪم اڄ سرسو چئن ضلعن تائين ڦهلايو آهي، جنهن ۾ لاڙڪاڻو، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ سکر ضلعا اچي وڃن ٿا.

هن پروگرام ۾ هر ضلعي ۾ هڪ وٽرنري ڊاڪٽر، وٽرنري اسسٽنٽ سان گڏجي هڪ گشتي دواخاني وسيلي زخمي جانورن جو علاج معالج ڪري ٿو. گهوڙا گڏھ ۽ خچر ڌاريندڙ ماڻهن تي مشتمل Equine Owner Community ناهي وڃي ٿي جنهن ۾ ويهہ کان پنجويهہ ماڻهو شامل هوندا آهن. اهڙن ماڻهن جي تربيت جا پروگرام سِٽيا ويندا آهن تہ جيئن گاڏا گهليندڙ ۽ وزن کڻندڙ جانورن جو خود صحيح خيال رکي سگهن. سندن واڙن جي صفائي ڪندي، جانورن جي کاڌ خوراڪ ۽ پاڻي تي ڌيان ڌري سگهن، ان ڏس ۾ عورتن کي پڻ تربيت ڏني ويندي آهي. مختلف هنڌن تان بار ڍوئيندڙ جانورن جو گذر ٿيندو آهي، ڪو مناسب هنڌ ڏسي اتي پاڻي پيئڻ جا واٽر ٽرف نهرايا ويندا آهن ۽ جانورن کي ڇانوَ ۾ ويهارڻ جا ڇپرا پڻ ناهيا ويندا آهن.

اڪثر جانورن ۾ خراب سنج ۽ لغام رکڻ ڪري زخم ڏنا ويا آهن يا وري غلط نال پيرن ۾ ٺوڪڻ ڪري بہ زخم ۽ سور پيدا ٿيندو آهي. اهڙن سنج ٺاهڻ وارن موچين ۽ نالبندن جي ٽي (3) روزه تربيت منعقد ڪئي ويندي آهي تہ جيئن هو نال ۽ سنج سٺا ٺاهيندي جانورن ۾ زخم پيدا ٿيڻ نہ ڏين.

اسڪولي ٻارن جا سيشن پڻ ورتا ويندا آهن تہ جيئن ننڍپڻ کان ئي ٻارن جي ذهن ۾ گگدام جانورن جي لاءِ رحم



پيدا ڪري سگهجي. جڏهن هو وڏا ٿين تہ جانورن جي فلاح لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. ساهت وندن ۾ اسٽيڪر ڪليندر، لٽريچر ۽ ٻيو مواد پڻ ورهايو ويندو آهي، سرڪار جا وٽرنري ڊاڪٽر، جانورن جو پرائيويٽ علاج ڪندڙ ماڻهون پڻ تربيتن ۾ شامل ڪيا ويندا آهن.

**مارچ 2015ع کان 10 ڊسمبر 2015ع تائين ڪيل ڪم جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.**

| نمبر | ڪيل ڪم جو نالو | سکر | شکارپور | لاڑڪاڻو | جيڪب آباد | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | هنگامي بنيادن تي جانورن جي ڏنل علاج | 4993 | 4952 | 5133 | 5586 | 20664 |
| 2 | فالواپ تربيتون | 5 | 5 | 5 | 5 | 20 |
| 3 | مرد ۽ عورت ڪارڪنن کي ڏنل ڪِٽون | 130 | 155 | 196 | 240 | 721 |
| 4 | موچين ۽ نالبند جون تربيتون | 8 | 8 | 8 | 8 | 32 |
| 5 | ٻيهر فالواپ تربيتون | 5 | 5 | 5 | 5 | 20 |
| 6 | نگهباني Monitoring | 2 | 2 | 2 | 2 | 8 |
| 7 | ڳانڍاپو ڪرايو ويو Linkages | 4 | 4 | 4 | 4 | 16 |
| 8 | بالٽيون، موڙ ۽ ڪٽس جو وچور | 157 | 158 | 157 | 158 | 630 |
| 9 | چيرا چانوَ لاءِ | 2 | 2 | 2 | 2 | 8 |
| 10 | پاڻي لاءِ نهرايل ٽپ | 4 | 4 | 4 | 4 | 16 |
| 11 | جاڳرتا گڏجاڻيون | 1 | 1 | 1 | 1 | 4 |
| 12 | صحتمند جانورن جا مقابلا | 1 | 1 | 1 | 1 | 4 |
| 13 | توسيعي مواد | 50 | 60 | 60 | 60 | 230 |
| 14 | تربيت | 6 | 6 | 6 | 6 | 24 |
| 15 | روين جي جاچ | 6 | 6 | 6 | 6 | 24 |
| 16 | ڪيس اسٽڊيز | 2 | 2 | 2 | 2 | 8 |
| 17 | عوامي جاڳرتا مهم | 2 | 2 | 2 | 2 | 8 |
| 18 | جانورن جو عالمي ڏينهن | 1 | 1 | 1 | 1 | 4 |
| 19 | اسڪولي شاگردن کي جاڳرتا | 2 | 2 | 2 | 2 | 4 |
| 20 | ڪلينڪ جي آڊٽ | 1 | 1 | 1 | 1 | 4 |
| 21 | CV & TM پيرڊ ورڪشاپ | 2 | 1 | 2 | 2 | 7 |
| 22 | ماهانہ ٽہ ماهي سالانہ جائزہ گڏجاڻيون | 2 | 2 | 2 | 2 | 8 |






# سرسو پاران ڪوٺايل ڪميونٽي ڪانفرنس (ڳوٺاڻي تنظيمن جي گڏجاڻي)

عبداللطيف سومرو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر شڪارپور

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، سنڌ جي پنتي پيل اهڙين ٻهراڙين ڪي اڳتي آڻڻ ۽ انهن کي دنيا جي بدلجندڙ حالتن مطابق زندگيءَ جا هنرَ سيکارڻ ۾ نہ صرف مصروفِ عمل آهي پر ان سان گڏوگڏ سرسو جي پڻ اها هر ممڪن ڪوشش رهي آهي تہ سنڌ جا ماڻهو خود ان لائق بڻجن جو پنهنجو پاڻ ڪي، پنهنجي ڪٽنب کي ۽ پنهنجي ڳوٺ ۽ علائقي کي غربت جي ڏبڻ مان نہ صرف آجو ڪرائن پر جديد دور جي تقاضائن کي سمجهندي پنهنجي ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ هڪ جامع، مستقل ۽ مسلسل جدوجهد جي رٿابندي پڻ ڪري سگهن.

صنفي برابري واري شعبي جي سِري هيٺ شڪاپور ۾ هڪ روزه انساني حقن جي اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪرڻ بابت ڪميونٽي ڪانفرنس (ڳوٺاڻي تنظيمن جي گڏجاڻي) ڳوٺ جنگو شر يونين ڪائونسل ڪرن ضلعي شڪارپور ۾ منعقد ڪئي وئي. هن ڳوٺاڻي گڏجاڻي جي مهمانِ خاص ميدم شگفتہ هئي. جڏهن تہ سماجي ڀلائيءَ جي ڊسٽرڪٽ آفيسر آغا وحيد پناڻ، سرسو کان غلام رسول سميجو (ريجنل پروگرام مئينجر)، رخسانہ رياض علي (سينيئر مئنيجر جينڊر) عبداللطيف سومرو (ڊسٽرڪٽ مئينجر) پڻ شرڪت ڪئي. هن ڪوٺايل گڏجاڻي ۾ ضلعي شڪارپور جي مختلف ڳوٺن، يونين ڪائونسل جي تنظيمن مان منظم 100 کان وڌيڪ عورتن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ڪئي وئي. تنهن بعد ڳوٺاڻين تنظيمن سان واسطو رکندڙ عورت ميمبرن پنهنجي، پنهنجي ڳوٺن ۾ ڪيل ڪمن بابت پنهنجا ويچار ونديا ۽ انساني حقن جي حوالي سان ڪيل ڪمن تي پڻ روشني وڌي.



انهيءَ موقعي تي ضلعي شڪاپور، پوليس ڪاتي جي وومين ر ائيٽس ونگ جي انچارج ميدم شگفتہ انساني حقن ۽ خاص طور تي عورتن تي ٿيندڙ ظلم، تشدد ۽ ناانصافين جو ذڪر ڪندي چيو تہ اسان جي معاشري ۾ خاص ڪري ٻهراڙين ۾ اڄ بہ عورتن تي تشدد ٿي رهيو آهي، انهن کي تمام گهٽ اهميت ڏني وڃي ٿي. جڏهن تہ هوءَ هن دنيا ۾ ٻار کي جنم ڏيندڙ آهي جنهن جي تسلسل سان هن دنيا جو سرشتو هلي ٿو. ضلعي شڪارپور ۾ پوليس ڊپارٽمينٽ جي مدد سان عورتن جي حقن ۽ ان سان ٿيندڙ ڪنهن بہ ناانصافي کي جيڪڏهن پنهنجي علائقي ۾ ٿيندي ڏسو ٿاتہ اسان سان رابطي ۾ اچو ۽ قانون جي دائري ۾ رهندي اسان ضروري قدم کڻنداسين. پر ان عبادت ۾ توهان جهڙن ادران جو سهڪار هوندو تہ اجان بہ وڌيڪ بهتر ٿيندو. ان موقعي تي سماجي ڀلائي واري شعبي طرفان آغا وحيد پناڻ پڻ انساني حقن جي اهميت تي زور ڏنو ۽ حڪومت سنڌ طرفان قائم ڪيل ٻارن جي تحفظ جي شعبي جو پڻ ذڪر ڪيو ۽ ڳوناڻين عورتن کي پيغام ڏنو. انهيءَ گڏجاڻي ۾ سرسو پاران عبداللطيف سومرو، رخسانہ رياض علي، غلام رسول سميجو پنهنجي تقريرن ۾ عورتن جي حقن بابت ڳالهايو ۽ چيو تہ هڪ خاموش انقلاب جي شروعات ٿي چڪي آهي، جنهن جو هڪ ننڍڙو ثبوت هن ميڙاڪي ۾ اوهان عورتن جي شموليت پڻ آهي، اسين اميد ڪريون ٿا تہ هي خاموش انقلاب هڪ ڏينهن تمام سٺا نتيجا آڻيندو ۽ عورتن تي ٿيندڙ ظلم ۽ ناانصافين جو خاتمو ضرور ٿيندو.

# انتظامي شعبي جي ڪارڪردگي

**شاهزيب حسين مهر**
مئنيجر ايڊمنسٽريشن - سرسو



انتظام ڪاري واري شعبي (Administration Sector) جو ڪم اداري اندر هلندڙ پروگرامن ڪي مختلف مَدَ ۾ مدد، سهولت، بندوبست ۽ نگهباني فراهم ڪرڻ آهي. آرگنائيزيشن جڙڻ ڪان وٺي اڄ تائين انتظاميه وارو شعبو ڪوڙ سارين ذميواري نڀائيندو اچي پيو. پر جڏهن ڪان اداري جي آفيس سرسو ڪامپليڪس ۾ منتقل ٿي آهي، تڏهن ڪان هن شعبي تي تمام وڏيون ذميداريون عائد ٿي ويون آهن. ڇو ته انتظام ڪاري نظام ڪنهن به اداري / آرگنائيزيشن ۾ ريڙهه جي هڏيءَ جي حيثيت رکي ٿي جنهن کي ڪهڙين به حالتن ۾ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

انتظامي شعبي جي حوالي جيڪي اهم ڪم آهن، انهن جو ٿلهي ليکي وچور هيٺ درج ڪجي ٿو:

1. اداري جي پاليسي تي عمل ڪرڻ.
2. اداري جي اثاثن جي حفاظت ڪرڻ (جڳهون، گاڏيون، فرنيچر، ڪمپيوٽر وغيره وغيره)
3. اداري جي جڳهن، گاڏين وغيره کي قائم رکڻ ۽ انهن کي استعمال لائق بنائڻ لاءِ (Maintain) ڪرڻ.
4. اداري جي ملازمن کي آفيس، گهر ۽ فيلڊ لاءِ گاڏين جي صورت ۾ سهوليت فراهم ڪرڻ.
5. بورڊ ميمبرن کي سفري ۽ رهائشي سهولتون فراهم ڪرڻ.
6. اداري ۾ ايندڙ ويندڙ مهمانن ۽ مختلف وزيٽرس کي رهنمائي ۽ سهوليت مهيا ڪرڻ.
7. ڪانفرنسون ۽ گڏجاڻيون منعقد ڪرائڻ.



8. ڪانفرنس، تربيتن ۽ ميٽنگس ۾ وقت تي چانهه، پاڻي ۽ کاڌي پيتي متعلق انتظام کي يقيني بنائڻ.
9. اداري ۾ موجود اثاثن جنهن ۾ ڪمپيوٽر، فرنيچر، موبائل فون، گاڏين ۽ ٻين شين جو مڪمل ڪمپيوٽرائيزڊ (Coding) رڪارڊ رکڻ.
10. معاونتي عملي (ڊرائيور، پٽيوالا، صافي ڪندڙ عملي وغيره) جون تربيتون ڪرائڻ ۽ اداري جي پاليسي تحت ڪين هلائڻ جو انتظام ڪرڻ.

**ڪارڪردگي:** الله پاڪ جا لکين احسان جنهن اداري کي ڪامپليڪس جهڙي نعمت سان نوازيو. 2013ع جي آخري مهينن ۾ جڏهن آفيس ڪامپليڪس ۾ منتقل ٿي. جنهن ۾ ٽريننگ هال، رهائشي ڪمرا، آڊيٽوريم، ميٽنگ رومس جي بهترين سهوليت موجود آهي. جتي سيڪيورٽي ۽ تحفظ جي حوالي سان عالمي ادارن جي توقعات مطابق انتظام ڪيو ويو آهي. تڏهن ڪان مختلف INGOs/NGOs، سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن جي خوابن جي تڪميل مڪمل ٿي ۽ سيني هتي رهائشي ۽ تربيت ڏيارڻ کي ترجيح ڏني آهي. هتي سرسبز ساوا باغ، ساوڪ سان ڀرپور ۽ بهترين وڻ ٽڻ، ٻوٽا ۽ گل ايندڙ ويندڙ لاءِ ڪشش رهيا آهن. ۽ فضا ۽ ماحول انهن جي لاءِ سڪون ۽ خوشي جو باعث بڻيو آهي. مٿان وري انٽرنيٽ، ٽڪ شاپ تحفظي ڪيمرائون سيڪيورٽي وغيره جون جديد سهولتون دستياب آهن. مٿئين سهوليت ڪري هن سيڪٽر جي ڪارڪردگي جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

## انتظامي شعبي جي ڪارڪردگيءَ جو چارٽ

| نمبر | تفصيل ڪم | تعداد |
| --- | --- | --- |
| 1 | سرسو جي گاڏيون نيلام ڪرايون ويون (ٻه دفعا) | 27 |
| 2 | USAID-SRP جون تربيتون ڪرايون | 06 |
| 3 | CED سيڪٽر پاران منعقد ٿيندڙ نمائشي پروگرامن ۾ سپورٽ | 04 |
| 4 | هيلپ ايج انٽرنيشنل پاران ڪرايل تربيتن ۾ سپورٽ (ڪمرا ۽ هال) | 12 |
| 5 | European Union جي ڪرايل ڪنوينشن ۽ فيلڊ وزٽ | 01 |
| 6 | بورڊ ۽ ايگزيڪيٽو ميٽنگس ۾ ايڊمنسٽريشن سپورٽ | 02 |
| 7 | سرسو اداري ۾ موجود پراڻي فرنيچر ۽ ٻئي سامان جي نيلامي ڪرائي وئي | 1500 |
| 8 | USAID-JSI پاران ڪرايل تربيتن ۾ سپورٽ (ڪمرا ۽ هال) | 15 |
| 9 | IMSD ۾ ٿيندڙ تربيتن جي نگراني ۽ سپورٽ | 25 |
| 10 | ايگزلري اسٽاف جي اسيسمينٽ ۽ ورڪشاپ ڪرايا ويا | 05 |
| 12 | اداري ۾ ڀرتي ٿيل ڊرائيورن کي اخلاقيات بابت سکيا | 01 |
| 13 | اسٽاف، مختلف وزيٽرن ۽ ڊونرس جي سهوليت لاءِ ATM جي سهوليت | 01 |
| 15 | انٽرپرائيز ڊولپمينٽ سيڪٽر لاءِ آئوٽ ليٽ نهرائڻ ۾ سپورٽ | 01 |

مطلب ته هن سيڪٽر جي ذميواري 24 ئي ڪلاڪ رهي ٿي. گڏوگڏ ايڊمنسٽريشن سيڪٽر جو اهو عزم آهي ته اداري جي ناماچاري جي پرچار ڪجي. سندس ساک کي وڌائجي. سموري عملي، ڪميونٽي جي ماڻهن، ڊونرن، سرڪاري ادارن ۽ مهمانن جي سارسنڀال ۽ سهوليت کي ممڪن بڻائجي ته جيئن اداري پاران ڀهراڙين جي مستحق ماڻهن لاءِ شروع ڪيل مختلف پرروگرام ۽ پروجيڪٽس کي ماروئڙن تائين پهچائڻ ۾ ڪابه ڏکيائي درپيش نه اچي.

# الف خان بجاراڻي پرائمري اسڪول جو ڪامياب سفر



**اعجاز علي ملڪ**
هيڊ ٽيچر
گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول الف خان بجاراڻي

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران هلندڙ هي پرائمري اسڪول، جيڪو اتر سنڌ جي ضلعي ڪشمور، تعلقي تنگواڻي، ڳوٺ الف خان بجاراڻي ۾ واقع آهي. تاريخي حيثيت جو حامل هي ڳوٺ محترم راجا غوث بخش خان بجاراڻي جي پڙڏاڏي الف خان بجاراڻي جن جي نالي سان منسوب آهي.

پاڪستان جي آزاديءَ کان گهڻو وقت اڳ هي ڳوٺ ايراضي ۽ آبادي جي لحاظ کان تمام وڏو ڳوٺ ڄاتو ويندو هو، تنهن وقت هن ڳوٺ ۾ هڪ بازار به هئي، جنهن ۾ ضرورت ۽ سهولت جي هر شيءِ دستياب هئي ايتروقدر جو سونارن جا دڪان به هئا ۽ پڻ ڪمند جي پيڙهائي جو هڪ ڪارخانو به هو. مگر پاڪستان ٺهڻ کان بعد هي ڳوٺ ڪن نامعلوم سببن جي ڪري پنهنجي اصل حيثيت وڃائي وينو.

ٻن هزارن جي آبادي وارو هي ڳوٺ ٽن يوسيز يعني يوسي جمال، يوسي گلوالي ۽ يوسي دنياپور جي حدن کي ملائيندڙ مرڪزي ڳوٺ ڄاتو وڃي ٿو. ۽ سنڌ جي ٻين بيشمار ڳوٺن جيان هي ڳوٺ به ڪافي بنيادي سهولتن کان محروم آهي.

هن ڳوٺ ۾ ٻن ڪمرن ۽ بائونڊري وال تي مشتمل اسڪول جي عمارت 2002ع ۾ ٺهي. پر، ڪن مسئلن سبب اسڪول جي نه "ايس اين اي" منظور ٿي سگهي ۽ نه ئي ڪي استاد مقرر ٿي سگهيا.

2009ع ۾ قومي سطح جي هڪ تنظيم نيشنل رورل سپورٽ پروگرام سنڌ حڪومت ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي سهڪار سان ڪشمور ۽ شڪارپور ضلعن ۾ اهڙا بند پيل اسڪول کولڻ جو پروگرام ڪڍي آئي جن جي بلڊنگ ته موجود هئي مگر ان بلڊنگ ۾ پڙهائڻ لاءِ سرڪاري سطح تي ڪوبه استاد مقرر ڪونه هو.

مارچ 2010ع ۾ اسڪول ۾ تعليم جو باقائده آغاز ٿيو، اسڪول جي پهرين ڏينهن علم جي روشن واٽ تي گامزن ٿيڻ لاء ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين تي مشتمل ڪل 11 ٻارڙا اکڙين ۾ اُڃاتل خواب سمائي حاضر ٿيا ۽ اهو پهريون ڏينهن هو جڏهن اسڪول جي اها سالن کان بيڪار بڻيل بلڊنگ پنهنجي اصلي ڪم لاء استعمال ٿي، ۽ پهريون دفعو اسڪول جي عمارت جي در ۽ ديوار سان پيارن پيارن ٻارڙن جا ٽهڪ ۽ الف ب وارا ٻول ٽڪرايا هئا، الحمد الله اڄ تائين اهو سلسو جاري آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهو واحد ادارو ثابت ٿيو جنهن پهريون دفعو ڪشمور ۽ شڪارپور جي پڙهيل لکيل نياڻين کي تربيت ڏياري ۽ انهن کي پنهنجي ئي ڳوٺن ۾ استادياڻين طور مقرر ڪري رکيو، جيتوڻيڪ اهو قدم سنڌ جي تعليمي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاء ڪارائتو ثابت ٿيو مگر انهن نياڻين کي فرسوده رسمن ۽ تعليمي اهميت کان اڻواقف علائقن ۾تعليمي عمل کي جاري رکڻ ۾ گهڻيون ئي مشڪلاتون ۽ مسئلا پيش اچن پيا، جنهن ۾ سڀ کان وڏو مسئلو ڳوٺاڻن جي ذهني جاڳرتا ڪري تعليمي ماحول کي سازگار بڻائڻ هو. ان مسئلي جي حل لاء سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن "يوسي سطح تي غربت گهٽائڻ جي پروگرام" تحت هر ڳوٺ ۾ وجي گڏجاڻيون ڪيون، انهن گڏجاڻين ۾ تنظيمون جوڙي مختلف آگاهي پروگرامن سان گڏ تعليمي آگاهي پڻ ڏني وئي (سرسو هن وقت تائين سنڌ جي 10 ضلعن ۾ 8 هزار ڳوناڻيون تنظيمون ۽ يوسي سطح تي 128 لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن منظم ڪيون آهن، ان تنظيم سازي ڳوناڻي زندگي کي پاڻيرو ڪرڻ سان گڏوگڏ اعلىٰ سوچ ۽ شعور پيدا ڪيو آهي) جنهن ذريعي نياڻين جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ لاء ڳوٺن ۾ ماحول سازگار بڻجي ويو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي نگراني ۾ جيتوڻيڪ ٻين اسڪولن جيان هن اسڪول ۾ پنهنجو تعليمي ڪم تيزي سان شروع ڪري ڏنو هو، مگر تنهن جي باوجود شاگردن جي نهايت کوٽ محسوس ڪئي وئي، ڇاڪاڻ ته ڳوٺاڻا ماڻهو پنهنجن ٻارڙن کي روزانو تيار ڪري سنواري اسڪول ڏانهن موڪلڻ جا عادي ڪونه هئا. اسڪول جي داخلا وڌائڻ لاءِ آفيسرن، تعليمي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ استادن ۽ سڄاڻ ماڻهن سان ملي گهر گهر گڏجاڻيون ڪيون، انهن گڏجاڻين جي نتيجي ۾ ٻارڙن جو تعداد 11 کان وڌي 35 تائين ته پهتو پر بدقسمتي سان آگسٽ 2010ع ۾ سنڌ اندر تباهي مچائيندڙ مها ٻوڏ اچي وئي.

نومبر 2010ع ۾ اسڪول پنهنجو ڪم شروع ڪيو تنهن وقت سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ٻوڏ ستايل ماڻهن جي زندگي جي بحالي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ۽ سهائتا ڏيندڙ سنڌ جي سڀ کان وڏي ۽ واحد اداري طور ابري ظاهر ٿي. ۽ سنڌ جي ٻوڏ ستيل علائقن ۾ ماڻهن جي اهنجن کي سهنجو ڪرڻ لاءِ خدمتون فراهم ڪندي رهي.

2012 جي شروعات تائين جڏهن ٻوڏ جا آثار ڏنڌلا ٿي چڪا هئا، اداري پنهنجي اسڪولن ۾ بنا دير جي سهولتن جي فراهمي جو سلسلو شروع ڪري ڏنو. سڀ کان پهريان اسڪول ٽيچرز ۽ ايس ايم سي ميمبرن کي اعلىٰ درجي جي تربيتون ڏياريون ويون. تنهن بعد اسڪول جي عمارت جي مرمت ۽ رنگ روغن ڪرايو ويو. اسڪول جي ڪلاسن ۽ چوديواري کي رنگ ڪرايو ويو. اسڪول ۾ شاگردن ۽ استادن جو فرنيچر مهيا ڪيو ويو. اسڪول جي فرش کي ٽائلس لڳائي وئي، اسڪول ۾ بجلي ۽ پاڻي جي رسائي ڪئي وئي، ٻارڙن جي راند روند لاءِ اسڪول ۾ جهولا لڳايا ويا، ٻارڙن کي درسي ڪتاب، ٿيلها اسٽيشنري جو سامان ۽ اسڪول ڊريس پڻ ڏنيون ويون. اهڙين بهترين سهولتن جي ملڻ بعد اسڪول جي داخلا ۾ پڻ بهترين اظافو ٿيو. ۽ جڏهن شاگردن جو تعداد 60 تائين پهچي ويو ته اسڪول جو انتظام ۽ تعليمي سلسلو هڪ استادياڻي کي هلائڻ مشڪل ٿي پيو ۽ هڪ ٻي استادياڻي جي سخت ضرورت محسوس ٿي، ته جيئن ٻارڙن جي داخلا جو سلسلو برقرار ۽ رهي ۽ وڌندو ۽ رهي. ان صورت ۾ ڳوٺ ۾ هڪ وڌيڪ استاديياڻي جي بندوبست نه ٿيڻ ڪري، اداري پاران بندوبست ٿيڻ تائين اسڪول کي اڳ ئي پنهنجون خدمتون فراهم ڪندڙ نوجوان اعجاز علي کي بنا اجوري جي رضاڪارانه طور استاد مقرر ٿيڻ جي آڇ ڪئي. جيڪا هن خوشي سان قبول ڪئي.



جيئن عام چوڻي آهي ته "ترقي صرف وڏين عمارتن سان لاڳاپيل ڪونه هوندي آهي بلڪ ڪچي ۽ ننڍين عمارتن ۾ ويهي ۽ لڳاتار ڪاميابيون حاصل ڪرڻ کي پائدار ترقي چيو ويندو آهي" ان مثال جي ترجماني ڪندي گورنمينٽ پرائمري اسڪول الف خان ٻجاراڻي پنهنجي ترقي ۽ ڪاميابين کي پنجن سالن جي ڊگهي عرصي کان برقرار رکيون پيو اچي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي مڪمل تعاون، سهڪار ۽ استادن جي پُرعزم ڪارڪردگي سان هي اسڪول ڳوٺ وارن جي نظرن ۾ ڪالهه تائين بيڪار پيل عمارت، اڄ بهترين تعليمي مرڪز بڻجي ظاهر ٿيو آهي. ۽ هن اسڪول ۾ نه صرف ڳوٺ الف خان جا ٻارڙا ۽ نياڻيون علم جي زيور کان آراسته ٿين ٿا بلڪ آس پاس جي ۽ ڪلوميٽر پري جي ڳوٺن جا ٻارڙا پڻ علم حاصل ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. گذريل سال 30 شاگردن ۽ 23 شاگردياڻن هن اسڪول مان پنهنجي پرائمري تعليم مڪمل ڪئي ۽ هن وقت ٻن استادن جي نگراني ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين تي مشتمل 90 ٻارڙا تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

هن اسڪول جي ٻارڙن ڪيترائي ڀيرا تعلقي ۽ ضلعي سطح جي تعليمي سيمينارن ۽ مقابلن ۾ پڻ حصو وٺي بهترين ڪارڪردگي تي پنهنجو پاڻ مڃرايو آهي.

ڳوٺ وارن جي اطمينان، استادن جي اڻٿڪ محنتن ۽ اسڪول جي بهترين ڪارڪردگي کي ڏسندي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن هن اسڪول کي مستقبل ۾ ڪلسٽر ليول تائين پهچائڻ جو فيصلو پڻ ڪيو آهي. ۽ اميد آهي ته سنڌ حڪومت ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي تعاون ۽ سهڪار سان هي اسڪول انشاالله سدائين علم ۽ ادب جي آبياري ڪندو رهندو.

# حصولات واري شعبي جي ڪارڪردگي

اميت راجا

ڏورس ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهو جيڪي گهٽ تعليم ۽ بنيادي سهولتن جي اڻاٺ ڪري پوئتي پيل آهن، انهن جي لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار مارچ 2003ع ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جو قيام عمل ۾ آندو، هن اداري جو ڪم آهي ته ڳوٺن ۾ وڃي پاڙي سطح تي ماڻهن جو گروه (20-25 ميمبر) ٺاهي سندن جاڳرتا ڪن. ڪين منظم ڪندي، ٻڌي ۽ ايڪي سان سلهاڙين ۽ ڳُرنِ، هنرن جي زيور سان آراستا ڪندي موتين واري مالها ۾ مڙهين ته جيئن هو ٻئي جي آڏو هٿ ٽنگڻ بجاءِ خود آمدني ڪمائڻ وارا ٿي وڃن.

اهڙي ڪم سونپڻ ڪانپوءِ سرسو جي سماج سڌارڪن، ماڻهن کي منظم ڪندي ثابت ڪري ڏيکاريو ته اسان جون سرويچ، ٻهادر ۽ ارڏيون عورتون پنهنجي خطي ۽ وطن عزيز جي ترقيءَ جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. اهڙين ٻهادر ۽ ارڏين عورتن سان جڏهن وزير اعليٰ سنڌ، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) جي وزير ماروي ميمڻ ۽ عالمي توڙي ملڪي ادارا مليا ته ساراهه ڪرڻ کان بغير رهي نه سگهيا. عورتن گهرن کان ٻاهر نڪرندي ثابت ڪري ڏيکاريو ته هنن ۾ اعتماد ۽ صلاحيتون آهن جن جي بدولت هو ترقي ڪري سگهن ٿيون.

ان مجتا عيوض ملڪي توڙي عالمي ادارا سرسو سان سلهاڙجي ٻهراڙين جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ عورتن سان گڏجي ڪم ڪرڻ تي فخر محسوس ڪري رهيا آهن.

اهڙن عالمي ادارن جي سفارش تي سرسو 2010-11 ۾ حصولات جي شعبي جو باقاعده قيام وڌو. هن شعبي جي ترجيحات ۾ هيٺيون شيون شامل آهن.




1. سرسو جي پاليسي تي عمل ڪرڻ
2. شين جي وقت سر فراهمي
3. شين جي صاف ۽ شفاف طريقي سان خريداري.
4. شين ۽ ڪمن جي اعليٰ معيار جي يقين ڏياڻي.
5. اداري ۽ شعبي جي ساک بهتر بنائڻ

اهڙي ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ سرسو انتظاميه هن شعبي کي تجربيڪار عملي تي مشتمل هڪ ڪميٽي ٺاهي ڏني جنهن کي Procurement Committee چيو وڃي ٿو. هن ڪميٽي ۾ پنج ميمبر ۽ هڪ چيئرمين هوندو آهي. جيڪي واپارين کان گهرايل آڇون، اگهه، معيار وغيره جي جانچ ڪندي گڏيل فيصلو مرتب ڪندا آهن ۽ پوءِ ئي چونڊيل واپاري کي خريداريءَ جو آرڊر ڏنو ويندو آهي.

ضرورت پوڻ تي هي سيڪٽر ڪميٽي ذريعي ٽيڪنيڪل ڪميٽي به ٺاهرائيندي آهي جنهن جو ڪم فني بنيادن تي شين جي جانچ جونچ ڪرڻ هوندو آهي.

هن شعبي پنهنجي ترجيحات کي برقرار رکندي پروگرامن جي مدد ڪئي آهي. جنهن سان اداري جي ڪم جي ساراهه ٿيڻ لڳي آهي.



اميد آهي ته اهڙو ڪم اڳتي به جوش، جذبي، عزم ۽ ولولي سان جاري رکيو ويندو ته جيئن غريب ماروئڙن جي وقت سر سهائتا ٿي سگهي.



# ماءُ ۽ ٻار جي صحت جو هفتو

**فردوس جماڻي**
ڊسٽرڪٽ پروگرام آفيسر
HCP سکر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) USAID / JHUCCP ۽ RSPN جي سهڪار سان ماءُ ۽ ٻار جي صحت جو هفتو سنڌ جي مختلف ضلعن جي ڪيترن ئي يونين ڪائونسلن ۾ ملهايو ويو. هي هفتو سال ۾ ٻه ڀيرا ملهايو ويندو آهي. هن ڏهاڙي کي ملهائڻ جو مقصد ماءُ ۽ ٻار جي بنيادي صحت جي حوالي سان ڪين روشناس ڪرائڻ آهي.

نومبر 2015ع مهيني ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت جو هفتو هيلٿ ڪميونيڪيشن ڪمپونينٽ تحت سنڌ حڪومت ۽ صحت واري کاتي جي سهڪار سان سکر ضلعي جي ٽن يوسيز جنهن ۾ پنڊي، هنگورو ۽ لونگ ڀٽي جي ليڊي هيلٿ ورڪز (LHWs) جي ڇهن (06) وومين سپورٽ گروپس ۾ منعقد ڪيو ويو ۽ 06 LHWs جي VHGs گروپن ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ نہ صرف مائرن جي صحت متعلق تفصيلي ۽ آسان زبان ۾ معلومات فراهم ڪئي وئي. بلڪ ٻارڙن جي صحت جي حوالي سان ڪين مڪمل ۽ بنيادي معلومات پڻ ڏني وئي جن ۾ ٻارن کي پيٽ ۾ سُور، ڪيڙن، حفاظتي ٽڪن، پوليو جي ڦڙن سميت سندن لاءِ ماءُ جي کير ۽ شروع وارن ڏينهن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي کاڌ خوراڪ متعلق ڪميونٽيز کي روشناس ڪرايو ويو.

مختلف سيشن (دؤرن) ڪرائڻ جو مقصد مائرن جي ذهنن ۾ اِهو ويهارڻ هيو تہ ماءُ ۽ ٻار جي صحت پاڻ ۾ لازم ملزوم آهي ۽ اِها ڪيتري نہ ضروري ۽ اهميت جوڳي آهي. وقت سِر ٽُڪن جي لڳرائڻ سان ماءُ ۽ ٻار ٻنهي جي زندگي محفوظ ٿي وڃي ٿي. ان دوران ٻارن کي پيٽ جي ڪيڙن کان محفوظ بڻائڻ لاءِ LHW پروگرام پاران مفت دوا پيئاري وئي. ڪين مختلف بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا ۽ پوليو کان حفاظت وارا ڦڙا پڻ پيئاريا ويا.




ماءُ ۽ ٻار جي هفتي ملهائڻ دوران مختلف يونين ڪائونسلن ۾ پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر جي نگراني ۾ ريليون پڻ ڪڍيون ويون. جن ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر (DHO) سکر ڊاڪٽر عبدالوهاب مهر، شبانہ ويسر، بادشاهہ زادي چوهاڻ، لطيف، ڊاڪٽر فيروز ڏاريجو، قرار ميراڻي سميت سَوَنِ جي تعداد ۾ ليڊي هيلٿ ورڪرن ۽ ڳوناٽين عورتن پڻ شرڪت ڪئي.

هن پروگرام تحت، ڏورس ڳوٺن ۾ رهندڙ پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل عورتن ۾ صحت جي ڄاڻ ۽ آگاهي بابت ڪافي ڄاڻ اچي وئي آهي. اهي عورتون هينئر ڪائڻ پيئڻ جي اهميت کان واقف ٿينديون بيمارين کان بچاءَ لاءِ حفاظتي اپاءُ پڻ وٺي رهيون آهن. ڪين خبر پئجي چڪي آهي تہ "ٿورڙي احتياط ڪرڻ سان، گهڻي بيمارين کان بچي سگهجي ٿو". خوراڪ سني ڪائيندي هو صاف ۽ سنو پاڻي استعمال ڪري رهيون آهن. اهڙي طريقي کي مروج ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ٻهراڙين ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت لاءِ عورتون پاڻ ئي ڌيان ڌري سگهن سندن ذهني جاڳرتا پلي هجي. اميد تہ هي پروگرام پنهنجي لحاظ کان سنا نتيجا ڏيندو.

# لاڙڪاڻي ۾ ملهايل ٻارڙن جو عالمي ڏينهن ۽ ماءُ ٻار جي صحت بابت هڪ روزه ورڪشاپ



مرڪ اياز
ڊسٽرڪٽ پروجيڪٽ آفيسر
HCC لاڙڪاڻو

ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي خانداني منصوبا بندي ۽ بنيادي صحت جي سري هيٺUSAID/JHUCCP ۽ RSPN جي تعاون سان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران لاڙڪاڻي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ هڪ ڏينهن جو پروگرام منعقد ڪيو ويو. جنهن جو مقصد ٻارڙن جي صحت، سنڌن حفاظتي ٽڪن، ڪاڌ خوراڪ ۽ ٻهراڙيءَ جي علائقن سان تعلق رکندر مائُرن ۾ ڄاڻ آگاهي پيدا ڪرڻ هيو. پروگرام معنقد ڪرائڻ جو هڪ مقصد اهو ٻه هيو ته ٻارڙن سان درپيش ايندڙ مسئلن ۽ ڏورانهين علائقن ۾ رهندڙ والدين ڪي ٻارڙن جي صحت بابت جاڳرتا پيدا ڪري ڪين رهنمائي فراهم ڪئي وڃي ۽ ڪميونٽي سطح تي USAID پروگرام هيٺ ٻارن ۽ مائرن ۾ صحت بابت ڏنل پروگرام ۾ حصو وٺرائي سگهجي.

26 نومبر 2015ع تي ملهايل ان ڏينهن ۾ مهمان خاص ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر آفيسر ذوالفقار لاکو هئا. جڏهن ته ڊاڪٽر امداد علي سيال (ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر LHW) ۽ ڊاڪٽر منير احمد جوکيو اعزازي مهمان طور هن پروگرام ۾ شامل ٿيا. ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي (ڊي.آئي.جي) ڊپٽي ڪمشنر جاويد احمد جاگيراڻي پڻ هن پروگرام ۾ شرڪت ڪئي.

پروگرام جو آغاز تلاوت ڪلامِ پاڪ سان ڪيو ويو، پروگرام جي ميزباني جا فرائض نبي بخش پنهور سرانجام ڏنا. فوڪل پرسن (HCP-SRSO) حامد مگسي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيندي چيو ته سرسو مائرن ۽ ٻارڙن جي صحت واري USAID/JHUCCP جي پروگرام ۾ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ LHWs سان گڏجي ڪم ڪري ٿو. هن چيو ته ٻارن جو عالمي ڏينهن 1954ع ۾ اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي پاران اعلان ڪيو ويو هو. هي ڏينهن سيني ملڪن جي گڏيل حوصلاافزائي لاءِ ملهايو وڃي ٿو ته جيئن اسين سڀ گڏجي ٻارن جي فلاح ۽ بهبود جي فروغ لاءِ سنجيده ٿي پنهجو پنهنجو ڪردار ادا ڪيون. هن چيو ته سرسو غربت گهٽائڻ وارن عملن سميت مائرن ۽ ٻارن جي صحت متعلق ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي. مرسي ڪارپس جي ضلعي آفيسر نبي بخش پنهور، ڊاڪٽر ارشاد جوکيو، طارق عزيز ۽ جاويد شاهه جيلاني پڻ تقريب کي خطاب ڪيو.

تقريب ۾ آيل معزز مهمانن کي اجرڪون پڻ پارايون ويون. ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سنڌن صحت ۽ بنيادي حقن متعلق ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪيا ويا. گيت ۽ بيت پڻ ڇيا ويا جن کي پروگرام ۾ شريڪ ماڻهن بيحد ساراهيو. هٿ ڌوئڻ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ٿيٽر شو پڻ پيش ڪيو ويو هن ٿيٽر ۾ شريڪ ماڻهن دلچسپي ورتي ۽ خوب داد ڏنو. ڇنا پيٽي مقابلن ۾ ٻارڙن ڪان سوال پُڇيا ويا ۽ حوصلاافزائي لاءِ تحفه پڻ ڏنا ويا. آخر ۾ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو جاويد جاگيراڻي هن پروگرام کي تمام گهڻو ساراهيندي چيو ته صحتمند معاشري ۾ اهڙيون سرگرميون




وڏي اهميت والارين ٿيون. اهڙا پروگرام ٿيڻ گهرجي آخر ۾ ڊپٽي ڪمشنر مختلف سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ ٻارن، عورتن ۽ مردن ۾ تحفا تقسيم ڪيا.

# وڻن جي اهميت

نثار احمد پناڻ
مئنيجر NRM



انساني معاشري ۾ وڻن جي تمام گهڻي اهميت آهي. وڻ نہ صرف ماحول جي گدلاڻ صاف ڪن ٿا پر ساهہ کڻڻ واري گيس آڪسيجن مهيا ڪندي ماحول ۽ فضا کي پرڪشش بڻائين ٿا.

ڌرتي جڏهن عظيم ڌماڪي عيوض وجود ۾ آئي تہ چئني طرف پاڻي ئي پاڻي هيو، وقت گذرڻ سان گڏوگڏ هڪ حصو خشڪ ٿي ويو ۽ ٽي حصا اڃان پاڻي هيٺ آهن. ان وقت صرف وڻ ئي وڻ هيا. جنهن مان اوائلي دور جا ماڻهو بدن ڍڪڻ لاءِ پن استعمال ڪندا هيا ۽ خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ڦل ميوا ۽ اناج واپرائيندا هيا.

ڌرتيءَ تي هڪ متوازن Balance ايڪو سسٽم آهي جنهن جي ڪري حياتيات جي بقا ۽ واڌ ويجهہ ٿي رهي آهي. ان مؤثر ۽ متوزن فضا ۾ گئسن جو تناسب جنهن ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ $CO_2$ نائٽروجن آڪسائيڊ $N_{20}$ آڪسيجن $O_3$ ميٿين $CH_4$ ۽ پاڻي جي ٻاڦ $H_{20}$ ۽ F گئس هڪ متوازن Balance مقدار ۾ موجود هئڻ ڪري ماحول پرڪشش ۽ حياتيات ۽ ان جي بقا لاءِ موافق رهندو آيو آهي.

آدمشماري جي وڌندڙ دٻاءُ ڪري انسانن کي وڌيڪ گهرن بجلي، پاڻي، گئس، ڪارخانن جي ضرورت پيش آئي. اهڙي وڌندڙ دٻاءَ ڪري ڪارخانا، بجلي گهر، ريفريجريٽر، ايئرڪنڊيشنر لڳايا ويا جنهن مان نڪرندڙ گئس گرمائش ۽ تابڪاري اثرن متوازن فضا کي منتشر ڪري ڇڏيو. مٿان وري وڻن جي واڍيءَ بہ ماحول کي ڪاپاري ڌڪ رسايو. جنهن جي ڪري فضا ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو مقدار وڌندو رهيو ۽ گرمي پد ۾ پڻ اضافو ٿيو. اهڙي انساني هاجيڪار حرڪتن جي عيوض موسمياتي تبديليءَ ۾ اضافو ٿيندو رهيو جيڪو هن وقت دنيا لاءِ خطرناڪ مسئلو بڻجي ابري رهيو آهي.

اهڙي ماحول کي وري متوازن رکڻ لاءِ آباديءَ جي وڌندڙ دٻاءَ کي ڪنٽرول ۾ رکڻ سان گڏوگڏ ڪاربان ڊاءِآڪسائيڊ جي جذب ڪندي زمين ۾ دفن ڪرڻ لاءِ سائنسي ايجادون ڪرڻيون پونديون. وڻن جي لڳائڻ سان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ گرمي پد کي پڻ ڪنٽرول ۾ رکي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته وڻن جا پن اهڙي زهريلي گئس کي جذب ڪندا آهن ۽ آڪسيجن گئس فضا ۾ خارج ڪندا آهن.




**وڻن جا ڪجهه فائدا هيٺ ڏجن ٿا.**

1. وڻ لڳائڻ صدقه جاريه آهي، جنهن جو ثواب مرڻ بعد به ملندو رهندو.
2. پنج ميويدار وڻ اگر هرگهر ۾ نئين ڄاول نياڻيءَ جي نانءَ تي لڳايا وڃن ته نياڻيءَ جي تعليم ۽ ڏاج جو بار والدين تي نه پوندو.
3. وڻ ميوات ۽ ڦل فروٽ ڏيندي کاڌ خوراڪ جي ضرورت پوري ڪن ٿا.
4. وڻ طوفان، ٻوڏ ۽ قدرتي آفتن کان بچاءُ ڪن ٿا.
5. وڻن جي گلن، پنن ۽ ڇوڏن مان مختلف دوائون ٺاهيون وڃن ٿيون.
6. وڻ آمدني ۽ ناڻي ڪمائڻ جو ذريعو پڻ آهن.
7. وڻ زهريلي گئس ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪن ٿا. ۽ آڪسيجن خارج ڪن ٿا.
8. وڻ ذهن کي تازگي بخشيندي طبعيت ۽ مزاج مان دٻاءُ خارج ڪن ٿا.
9. وڻ گرمي پَدِ کي گهٽائين ٿا.
10. وڻ جنگلي جيوت کي تحفظ ڏين ٿا.

**وڻ پوکڻ جو طريقيڪار** : ٻوٽي جي قد مطابق زمين ۾ واهولي، ڪرپي، ڪوڏر يا بيلچي سان کڏو کوٽجي ۽ وڻ جي چوڌاري چلهو ٺاهي پاڻي کي بيهارڻ لاءِ بندوبست ڪجي.

**پوکائي جو وقت** : فيبروري کان مارچ تائين، نومبر ۽ ڊسمبر ۾ به پوکيا وڃن ٿا.

**پاڻي ڏيڻ جو طريقيڪار** : شروع ۾ هر هفتي ٻوٽي کي پاڻي ڏنو وڃي. ٻوٽو جڏهن وڏي وڻ ٿي وڃي ته پوءِ 15 کان 20 ڏينهن جي وقفي سان پاڻي ڏنو وڃي.

**سارسنپيال** : ياد رکجي تہ ٻوٽي جي واڌ ويجهہ لاءِ ڪيس هر 15 ڏينهن بعد گڏ ڏجي ۽ ضرورت آهر وٿاڻ جو پاڻ استعمال ڪندي پاڻي ڏنو وڃي.

چؤپائي مال کان بچاءَ لاءِ ٻوٽي جي چوڌاري ڪجين جون ڇڙهيون يا لوڙهو ڏنو وڃي تہ جيئن سندس حياتي برقرار رهي سگهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ سرڪار جو ناهيل هڪ غيرسرڪاري ادارو آهي. جيڪو اتر سنڌ جي 10 ضلعن جي 375 يونين ڪائونسلن ۾ ڪم ڪندي 6 لک گهراڻا منظم ڪيا ويا آهن، جنهن جي پاڙي سطح جي تنظيم سازيءَ جو تعداد 40 هزار آهي ۽ 8 هزار ڳوٺاڻيون تنظيمون ناهيون ويون آهن. ۽ يونين ڪائونسل سطح تي 128 لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (LSOs) پڻ منظم ڪيون ويون آهن. انهن سڀني تنظيمن ۾ 90 سيڪڙو کان وڌيڪ عورتون ميمبر آهن.

- 30 هزار کان وڌيڪ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي هنري تربيتون ڏياريون پڻ ويون آهن
- تعليم جي حوالي سان 102 بند پيل اسڪولن جي مرمت ڪرائي وئي جنهن ۾ 8000 شاگرد ۽ شاگرياڻين کي مفت تعليم ڏني پئي وڃي.

سرسو وڻڪاري جهڙي فائديمند ڪرت کان پڻ وانجهيل ڪين آهي. هن اداري گڏريل سال جيڪب آباد، خيرپور، لاڙڪاڻو، شڪارپور ۽ سکر ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ٻوٽا لڳايا آهن ۽ هن سال ساڳيو عزم ورجائيندي ڳوٺاڻي تنظيمن جي سهڪار سان سڀني ضلعن ۾ ڏهہ لک ٻوٽا لڳائڻ جو منصوبو ناهيو آهي.



**هن وقت تائين لڳايل وڻن جو وچور**

| نمبر | وڻن جا نالا | ضلعي وار لڳايل وڻن جو تعداد | | | | | | گڏيل ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | شڪارپور | جيڪب آباد | خيرپور | سکر | ڪشمور | لاڙڪاڻو | |
| 1 | ڪونو ڪراپس | 25,000 | 4,000 | 18,000 | 700 | 5,000 | 21,900 | 74,600 |
| 2 | بيد مشڪ | 17900 | 4,000 | 13,500 | - | 1900 | 9600 | 46,900 |
| 3 | ٻبر | 12800 | - | 11,000 | - | - | 5,200 | 29,000 |
| 4 | سرنهن | 1000 | 1000 | 2000 | 1000 | 1000 | 1000 | 8,000 |
| 5 | نم جو وڻ | 10,500 | 2,000 | 6,000 | 500 | 3,600 | 7,000 | 29,600 |
| 6 | ٽاري جو وڻ | 10,300 | 2,900 | 5,500 | 100 | 2,000 | 6,500 | 27,300 |
| | | **76,500** | **12,900** | **54,000** | **1,300** | **12,500** | **50,200** | **76,500** |
| | 2015 ۾ لڳايل وڻ | | | | | | | **97,000** |
| | ٽوٽل | | | | | | | **30,4400** |

اهڙي عمل سان وطن عزيز ۾ ماحول کي صاف سترو خوبصورت بڻائي سگهجي ٿو ۽ خطي کي موسمياتي خطرن کان پڻ نجات ڏياري سگهجي ٿي، گڏوگڏ ان عمل ڪندي غريب ماڻهن جي آمدني ۾ پڻ اضافو ٿي سگهي ٿو.

# بغير وياج قرض اسڪيم: ترقيءَ ڏانهن هِڪ قدم

ذوالفقار راڄپر
نوشهروفيروز

سنڌ جون ٻهراڙيون ٻين صوبن جي ٻهراڙين جي ڀيٽ ۾ ڪافي پوئتي پيل آهن. ۽ خاص ڪري عورتون ته تمام گهڻو پنتي پيل آهن. تنهن ڪري اها ڳالهه تمام گهڻي اهم آهي ته عورتن کي سماجي ۽ معاشي حوالي سان سگهارو ڪرڻ لاءِ نه صرف موقعا فراهم ڪجن پر کين زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ پڻ حوصلا افزائي ڪجي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) اهڙين آرگنائيزيشن مان هڪ آهي جيڪا گهر گهر وڃي غريب، مايوس، بي پهچ ماڻهن جي زندگين کي اقتصادي ۽ سماجي طور تي پاڻ ڀرو ڪري انهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۽ انهن جي سماجي اوسر ڪري انهن کي ڪارائتو بڻائڻ ۾ ڪوشان آهي، ته جيئن اهي غريب عورتون غربت جي ڏٻڻ مان نڪري بهتر زندگي گذاري سگهن.



مسمات زاهدان ڳوٺ قاسم سان تعلق رکي ٿي. ستن ٻارڙن جي اولاد رکندڙ زاهدان کي پنج نياڻيون ۽ ٻه ننڍا پٽ آهن. سندس مڙس معشوق علي سخت محنت ڪرڻ جي باوجود به گهر ڀاتين جون بنيادي گهرجون مشڪل سان پوريون ڪري رهيو آهي. سرسو جي ٽيم زاهدان جي خاندان کي غربت جي ڏٻڻ مان ڪڍڻ ۽ آمدني وڌائڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ واسطي کيس تنظيمي جاڳرتا جي عمل سان منسلڪ ڪيو. ۽ مسمات زاهده ڳوناٽي ترقياتي تنظيم "مظهر علي" ۾ شموليت اختيار ڪئي. تنظيم جي پليٽ فارم تان پنهنجي تنظيمي ميمبرن سان صلاح مشوري ڪانپوءِ زاهدان سرسو ۽ حڪومت سنڌ جي سهڪار سان شروع ڪيل بنا وياج واري پروگرام مان فائدو وٺڻ لاءِ هڪ قرارداد لکي، سرسو آفيس موڪلي ڏني، اداري طرفان جانچ پڙتال ۽ ڪاغذي ڪاروائي کان بعد زاهدان کي 20 هزار روپين جو چيڪ ڏنو. جنهن ۾ مسمات زاهدان غريبي حال تحت پنهنجي ميڙي چونڊي ملائي ڪري 35 هزارن ۾ هڪ وڇير ورتي، انهيءَ اميد سان ته هڪ ڏينهن پنهنجي مينهن جو کير ٻچڙن کي پيئاريندي. ۽ ڪجهه کير وڪڻي گهر جو چرخو بهتر هلائي سگهندي. زاهدان جي گهرو مالي حالتن کي ڏسندي سرسو نيچرل ريسورس مئنيجمينٽ (اين.آر.ايم) جي ٽيم کيس 30 ڪڪڙيون پڻ ڏنيون، جنهن تي مسمات زاهدان جي خوشيءَ جي ڪا حد نه رهي ۽ چوڻ لڳي ته هن دور ۾ اهڙا به ادارا آهن جيڪي اسان غريبن جي بغير ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي مدد ڪري رهيا آهن، اها ڳالهه اسان جي سمجهه کان مٿي آهي. مسمات زهدان چواڻي ته مليل ڪڪڙين مان هن وقت ڪافي ڪڪڙيون آنا ڏئي رهيون آهن. جن مان ڪجهه آنا وڪڻي پنهنجي بچت ڪري رهي آهيان ۽ ڪجهه آنا گهر ۾ ياڃي طور ڪتب اچن ٿا. مسمات زهدان ٻڌائي پئي ته مونکي سرسو اداري مان تمام گهڻو فائدو مليو آهي، انهيءَ لاءِ آءُ اداري جي شڪرگذار آهيان. چوته اڄ ڪلهه وقت اهڙو آهي جو ڪوبه ڪنهن جو نه آهي، هرڪنهن کي پنهنجي لڳل آهي، اهڙي دور ۾ به سرسو اسان غريبن جي مدد ڪري رهيو آهي مان سمجهان ٿي ته هي ادارو اسان لاءِ ڪنهن فرشتي کان گهٽ نه آهي. مون کي اميد آهي ته هي ادارو اڳتي به مون جهڙين غريب عوتن جي رهنمائي ۽ مدد ڪندو رهندو. مان انهيءَ تسلسل سان سيني غريب عورتن کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿي ته جيترو ٿي سگهيوَ ته پاڻ ۾ متحد ٿي تنظيم سازيءَ ۾ جُڙي، هن اداري مان وڌ کان وڌ فائدو وٺو. چوته هي ادارو اسان جو پنهنجو ادارو آهي، جنهن جي ٽيم بغير ڪنهن لالچ جي اسان جي رهنمائي ۽ مدد لاءِ ڏينهن رات ڪوشان رهي ٿي. اسين ته سرسو اداري جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جنهن اسان جي رهنمائي ڪندي، ترقي جي واٽ ڏيکاري ۽ اسان جي ترقيءَ لاءِ روشن راهون جوڙيون.

# ڳوٺ کان اسلام آباد تائين جو سفر

(ڳوٺ پنهل سيال يونين ڪائونسل پيٽور تعلقي خانڳڙهه جي متحرڪ ڪارڪن عورت جي ڪهاڻي)

انور آزاد

ڳوٺ پنهل سيال خانپور شهر کان اولهه، ڏکڻ طرف 5 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي. شهر جي ويجهو هجڻ باوجود هي ڳوٺ تمام بنيادي سهولتن کان محروم آهي. ذات پات جي سخت اثر واري علائقي ۾ هجڻ ڪري ڳوٺ چونديل نمائندن توڙي سرڪاري ادارن جي رحم و ڪرم کان هميشه محروم رهيو آهي. اهڙي ڳوٺ جي هڪ بي زمين هاري جي گهر ۾ جنم ونندڙ حاڪم زادي جي خوشنصيبي هئي جو کيس پنجين ڪلاس تائين پڙهڻ جو موقعو مليو.

هوءَ ڳوٺ جي پهرين ڇوڪري هئي، جنهن ڳوٺ کان 2 ڪلوميٽر پري ڳوٺ قائم بڪ مان پرائمري جا پنج درجا پاس ڪيا. ان کان پوءِ پاڻ مڊل تائين پڻ تعليم حاصل ڪئي. ان حوالي سان حاڪم زادي چيو ته ”سندس وڏو ڀاءُ اٿل سيال جو سندس تعليم، تربيت ۽ سماجي ميدان ۾ ڪم ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار آهي، جنهن جي مدد ۽ رهنمائي سان پرائمري کان پوءِ مڊل تائين پڙهي سگهي“. وڌيڪ پنهنجي ڀاءُ جي ساروڻين کي سارهيندي هن چيو ته ”هو علائقي جو هڪ باشعور فرد هو جنهن نه صرف ڳوٺ پر علائقي ۾ نياڻين جي تعليم، عورتن ۽ هارين جي حقن لاءِ



جدوجهد ڪئي. تنظيمون جوڙي پنهنجي ترقي لاءِ پاڻ ڪم ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪيو ۽ آءُ پڻ تنظيمن ۾ آيس. محمد اٿل گذريل سال وفات ڪري ويو آهي.“

حاڪم زادي ڳوناٺي تنظيم پنهل سيال جي سيڪريٽري، يو. سي پيٽور جي ايل ايس او جي خزانچي ۽ سرسو جي مقامي ماهر طور ڳوٺ توڙي علائقي جي متحرڪ سماجي ڪارڪن طور سماجي تبديلي ۽ ترقي جي عمل ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي. جنهن جي مڃتا ملڪي سطح تي به ڪئي ويئي آهي.

35 سالن جي حاڪم زادي خود محنت مزدوري ڪري پنهنجي گهر جون معاشي ضرورتون پوريون ڪري ٿي. تنظيم طرف اچڻ بابت هن چيو ته ”2007 جڏهن پهريون دفعو سرسو وارا اسان جي ڳوٺ آيا ۽ تنظيم ٺاهي پنهنجي مدد پاڻ ڪري پاڻ ڀرائپ ۽ ڳوناٺي ترقي جي ڳالهه ڪئي ۽ مردن جي پاڙي تنظيم ٺاهي ته اسان عورتن به ڳوٺ جي عورتن جي الڳ تنظيم ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. اهڙي طرح ان فيصلي سان جڙ آءُ تنظيمن ۾ اچي ويس. ان کان پوءِ اهو سفر شروع ٿيو جيڪو اڄا تائين جاري آهي.“ پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي پاڙي جي تنظيم ۾ مئنيجر ٿي. جڏهن سرسو پاران ٽن ڏينهن جي سي ايم ايس ٽي ( ڪميونٽي مئنيجمينٽ اسڪل ٽريننگ) جي تربيتي ورڪشاپ ۾ شرڪت جو موقعو مليس ته تنظيم جي اهميت ۽ پنهنجي ڪردار بابت آگاهه ٿي . تربيت بابت وڌيڪ ٻڌايو ته ” بنيادي طور تربيت ئي هن ۾ تنظيم ۾ ڪم ڪرڻ ۽ ڳوناٺي ترقي ۾ پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ جو جذبو ۽ ڏانءُ پيدا ڪيو“.

پاڙي جي تنظيم طور پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيترائي ڪم ڪيا. جنهن ۾ خاص طور تي بچت ڪرڻ ۽ بچت ڪيل رقم مان ميمبرن کي ايمرجنسي ۽ ڪاروباري مقصدن لاءِ قرض مهيا ڪرڻ به شامل آهي. ڳوٺ جي سڀ کان غريب ترين گهراڻن کي روزگار لاءِ چوپايو مال پڻ ڏنو ويو آهي. ڳوٺ ۾ سرسو جي مدد سان پڪي رستي جي تعمير ۽ ٽيوب ويلن جون اسڪيمون پڻ ڪاميابي سان مڪمل ڪرايون آهن.

اڳتي هلي جڏهن پاڙي جي تنظيمن کي ملائي ڳوٺاڻي تنظيم جوڙي ويئي ته حاڪم زادي کي ان جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. سندس ڪم ۾ دلچسپي ڏسي سرسو ڪيس 2010ع ۾ علائقي جي تنظيمن جي مدد ۽ رهنمائي لاءِ مقامي ماهر طور به ذميداري ڏني. جنهن تحت پاڻ ير پاسي جي 6 ڳوٺن جي تنظيمن جي ماهوار گڏجاڻي ڪرڻ، بچت ڪرڻ، قرض صحيح استعمال ڪرڻ، عملي منصوبا هلائڻ ۽ تنظيمي ريڪارڊ رکڻ ۾ مدد پڻ ڪري ٿي.

ڳوناٽي تنظيم جي اڳواڻ هجڻ ڪري هن ڪي ڪيتريون ڪاميابيون مليون آهن، جنهن ۾ ڳوٺ پنهل سيال ۾ 16 عورتن کي ڪاروباري قرض مهيا ڪرڻ ۽ انهن جي ڪاروبارن کي ڪاميابي سان هلائڻ ۾ مدد ڪرڻ. سرسو جي هنري سکيا پروگرام تحت 2 عورتن کي سکيا وٺي پنهنجو روزگار پڻ ڪري رهيون آهن.

هو سرسو پاران قدرتي آفتن کان بچاءَ ۽ قانوني حقن بابت پڻ تربيتون حاصل ڪري چڪي آهيان. خاص طور تي قانوني حقن جهڙوڪ: نڪاح نامي جي رجسٽريشن، ننڍي عمر جي شادي، ووٽ رجسٽريشن، شناختي ڪارڊ ۽ ٻارن جي جم داخلا بابت جاڻ ۽ ان جي اهميت معلوم ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ڳوٺ توڙي يو. سي جي ٻين ڳوٺن ۾ جاڳرتا جو ڪم پڻ ڪيو آهي. ان حوالي سان پاڻ پنهنجي هڪ اهم ڪاميابي جو ذڪر ڪندي چيو ته " عورتن جي عالمي ڏينهن 2014 جي موقعي تي خانپور مهر شهر ۾ عورتن جي جاڳرتا ريلي هڪ تاريخي قدم هو، جو ته خانپور مهر ۾ عورتن جي ئي نه پڻ ڪنهن به تنظيم جي پهرين ريلي هئي ريلي ۾ 50 کان وڌيڪ عورتن شرڪت ڪئي. ريلي کان اڳ اسان کي هر طرح سان ڌمڪايو ويو پر عورتن جي همت ۽ پڪي ارادي سبب اسان ريلي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيا سون. جنهن سان اسان عورتن توڙي عام ماڻهن کي پنهنجي مسئلن تي آواز اٿائڻ جي همٿ ملي آهي."

ايل.ايس.او جي پليٽ فارم تان پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ بند پيل اسڪول کولائڻ ۽ ٻارن جي داخلا مهم ۾ پڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. گڏيل نيٽ ورڪ جي پليٽ فارم تان صفائي ۽ ماءُ ٻار جي صحت جي حوالي سان به مهمون هلايون ويون آهن، جنهن تحت ڳوناٽي ڪچهريون ۽ ريليون منظم ڪيون ويون آهن.

### اڳواڻي وارو ڪردار

پاڻ ڏهن ٻارن سان هڪ ڪچي ڪمري واري گهر ۾ رهندڙ حاڪم زادي هر انسان لاءِ پڪي گهر جو خواب لهي ٿي. سرڪاري ادارن جي بي حسي ڏسي سماجي تنظيمن کي پنهنجي ۽ پاڻ جهڙن ڳوناڻن لاءِ پنهنجي مدد پان واري سوچ ۽ حڪمت عملي تحت منظم ٿي اتحاد جوڙي گڏيل جدوجهد ڪرڻ کي ترقي جو آخري سهارو سمجهي ٿي.

حاڪم زادي پنهنجي ڪاميابي جو سمورو سهرو پنهجي مرحوم پاءُ اٿل سيال، ڳوناٽي عورتن ۽ سرسو کي ڏيئي ٿي ۽ سمجهي ٿي ان جي مدد ۽ سهڪار کانسواءِ ڪجهه به ممڪن نه هو.

يونين ڪائونسل پيٽور جي ڳوناٽي تنظيمن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري انهن جي مدد ۽ رهنمائي لاءِ گڏيل پليٽ فارم جوڙڻ جو رٿيو ويو ته حاڪم زادي ان ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو. ان دوران ئي حاڪم زادي کي پنهجي اڳواڻي جي صلاحيت ڏيکارڻ جو ڀرپور موقعو مليو. پاڻ ان حوالي سان ڪيترين ئي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿي ۽ يو. سي جي سيني ڳوناٽي تنظيمن سان ملي ۽ انهن کي گڏيل اتحاد جوڙڻ تي راضي ڪيو. ان حوالي سان حاڪم زادي چيو ته "اهو اسان سيني جي لاءِ اهم موقعو هو، جنهن ۾ اسان سڀ تنظيمون گڏجي هڪ ٻئي جي مدد سان علائقي ۾ تبديلي ۽ ترقي جي عمل کي تيز ڪيون ۽ يو.سي جي اهم مسئلن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد ڪري سگهون."

هن وقت ايل ايس او ”سونهري روشني“ ۾ يو. سي پيٺورجي 40 ڳوٺن جون تنظيمون شامل آهن. جنهن کي سماجي ڀلائيءَ کاتي وٽ رجسٽرڊ پڻ ڪرايو ويو آهي. نيٽ ورڪ انهن تنظيمن ۽ ڳوٺن جي ترقي لاءِ ڪيترائي عملي منصوبا پڻ هلائي رهيو آهي. حاڪم زادي جي جاکوڙ کي ڏسي ڪيس نيٽ ورڪ جو خزانچي چونڊيو ويو آهي. پاڻ هڪ ٻئي غير سرڪاري تنظيم وليج ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي هاري عورت گروپ جي پڻ اڳواڻي ڪئي آهي ان کان علاوه تخليق فائونڊيشن جي ڪچي رستي جي مرمت ڪندڙ مزدور عورتن جي به 2 سال اڳواڻ رهي آهي.

**مجتا ايوارڊ**



سنڌ ۾ اهڙا ڪيئي ڪردار آهن جن پنهجي وٽ ۽ وسيلن آهر معاشري جي ترقي ۾ نمايان ڪارناما سر انجام ڏنا آهن. حاڪم زادي کي به سنڌ جي اهڙن ٿورڙن خوشنصيب عورتن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو، جنهن جي ڪم ۽ ڪردار کي ملڪي سطح تي مڃي ان کي ڪنهن ايوارڊ سان نوازيو ويو هجي. ان حوالي سان پاڻ ٻڌائي ٿي ته اسان جي يو.سي پيٺور جي ڳوٺاڻي تنظيمن جو نيٽ ورڪ ”سونهري روشني“ سنڌ جو سڀ کان سرگرم نيٽ ورڪ آهي. هن سال 2015 تي پاڪستان پاورٽي ايليويئشن فنڊ پاران اسلام آباد ۾ منعقد ڪيل سالانه قومي ڪانفرنس ۾ مونکي پوري پاڪستان مان نيٽ ورڪ ۾ سرگرم ڪردار ادار ڪرڻ ۽ ان کي سٺي نموني پيش ڪرڻ تي **بهترين متحرڪ ڪارڪن** جي ايوارڊ سان نوزايو ويو. ايوارڊ ۾ سرٽيفيڪٽ، شيلڊ ۽ 50 هزار ڪيش شامل آهي.“ پاڻ چوي ٿي ته بنيادي طور هي ايوارڊ اسان سڀني جي گڏيل ڪوشش تي مليو آهي، جنهن لاءِ اها پنهجي گهر ڀاتين، ڳوٺ جي تنظيم، يو. سي ايل ايس او ۽ سرسو ٽيم جو ٿورو مڃي ٿي، جن جي مدد سان اها ان قابل ٿي. ايوارڊ کان پوءِ پاڻ وڌيڪ سرگرمي سان تنظيم ۽ نيٽ ورڪ جي ڪمن ڪارين ۾ حصو وٺي ٿي ۽ سمجهي ٿي ته مسلسل ڪوشش ۽ سچي جذبي سان ڪم ڪرڻ سان تبديلي به اچي ٿي ۽ مڃتا به ملي ٿي.

**سکيل اهم سبق**

ٻهراڙيءَ جي عورت ۾ به اڳواڻي جون ڀرپور صلاحيتون موجود آهن، جيڪڏهن انهن کي صلاحيتن آزمائڻ جا موقعا ملن ته اهي به هر سطح تي ڪارناما سرانجام ڏيئي سگهن ٿيون. اهڙيءَ طرح محنت ۽ خلوص سان ڪيل ڪو به ڪم ڪڏهن به ضايع نٿو وڃي. ان سان ئي لازمي تبديلي اچي ٿي ۽ مڃتا پڻ ملي ٿي.

# هُنر جَنِ جيِ هَٿِ، ڪاميابيِ قدمَنِ تنَين

لالڻ ڏهر
متحرڪ ڪارڪن
تعلقہ لکي ضلع شڪارپور



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ڏورانهين علائقن (ٻهراڙين) ۾ رهندڙ غريب ماڻهن جي معيارِ زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ 2003ع کان عملي طور ڪم ڪري رهي آهي. جيئن ته عورتن ۾ پنهنجي گهرو حالتن کي بهتر بنائڻ جون صلاحيتون موجود هونديون آهن، ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته انهن صلاحيتن کي اهڙي طرح اجاگر ڪيو وڃي ته جيئن اُهي پنهنجي مدد پاڻ واري اصول تحت پنهنجي زندگيءَ کي بهتر بنائڻ ته جيئن آمدنيءَ ۾ وڏيڪ اضافو ڪري خوشحال زندگي گذاري سگهن.

هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي غريب عورت جي آهي، جنهن پنهنجي هنري صلاحيتن مان تمام وڏو فائدو ورتو آهي، ۽ پڻ پنهنجي گهريلو معاشي آسُودگي ۾ خاطرخواهه اضافو ڪيو آهي. مسمات ميرا ڳوٺ پرڪڻ سرسو يونٽ آفيس کان 15 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف واقع آهي. ڇهن ٻارڙن جي امڙ مسمات ميرا جو مڙس محمد عيدن سِرَ تَگاري جي مزدوري ڪندو آهي. مسمات ميرا هڪ غريب گهراڻي سان واسطو رکندڙ هڪ محنتي عورت آهي، هن ڪڏهن به ڏکين گهڙين ۾ همٿ ناهي هاري ۽ پنهنجي همٿ سان پنهنجي گهر وارن کي سدائين ڏکين مرحلن ۽ مشڪلن مان ٻاهر ڪڍيو آهي. ۽ اوڙي پاڙي وارن کي ته ڇا پر پوري ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل جي غريب عورتن کي همٿ ڏياريندي رهي آهي. جنهن ڪري ئي هُوءَ اڄ ڪاميابيءَ جي رستي تي بهترين نموني سان گامزن آهي.

مسمات ميرا VO پرڪڻ جي چيئرپرسن ۽ "LSO مهراڻ" جي وائيس چيئرپرسن پڻ آهي. مسمات ميرا ٻڌائي پئي ته هوءَ گهر ۾ توري گهڻي سلائي ته ڪندي هُئي. پر سرسو جي اچڻ ۽ همٿائڻ ڪانپوءِ هن جي محنت ۽ همٿ جو جذبو پهريان جي ڀيٽ ۾ وڌي ويو ۽ سرسو انٽرپرائيز پاران هر قسم جي سلائي برٿ، ٽُڪ جون تربيتون ڪرائڻ ڪانپوءِ اسان جي ڳوٺ جي عورتن ۾ وڏيڪ شوق پيدا ٿيو ته اسان پنهنجي نياڻين کي به هُنر ضرور ڏياريون ته جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجن گهر وارن کي گهر هلائڻ ۾ مدد ڪري سگهن.

مسمات ميرا چواڻي ته اُهي هُنر جيڪي هن ڳوٺ ۽ علائقي ۾ اڳ ڪڏهن سُجاتا به نه ويندا هُئا اُهي سرسو اداري ڳوٺن ۾ متعارف ڪرايا ۽ هاڻ تقريبن اسان جي ڳوٺن جون نياڻيون اُهي ڊزائنيون تيار ڪري سُٺي طريقي سان ادارن کي موڪلين ٿيون اُن مان پنهنجي آمدني ۾ اضافو ڪري رهيون آهن.



جيڪي شيون اڳ اسان کان سؤ، ٻه سؤ روپين ۾ خريد ڪيون وينديون هُيون اهي ئي شيون تربيتن ملڻ بعد ۽ انهن ۾ نئين جدت پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي اسان کان ٻيڻ ٽيڻ تي

خريد ڪيون وينديون آهن. اسان کي تمام گھڻي خوشي ۽ فخر آهي ته سرسو اسان جي ڪم کي تمام گھڻي شهرت ڏياري آهي جو اڳ اسان سان ڪوئي ادارو رابطو ته ڇا پر سڃاڻيندو به نه هو ته ڪو هي بهترين ڪم ڳوٺن ۾ به ٿيندو آهي. پر هاڻي سرسو جي معرفت صبا پاڪستان، اينگرو فوڊ ۽ ٻيا ڪيترائي ادارا اسان جو ڪم ڏسي اسان وٽ پاڻ هلي اچي آرڊر ڏيندا آهن. جنهن مان اسان کي سنو منافعو ملي ويندو آهي.



جتي جتي سرسو انٽرپرائيز پاران نمائشي پروگرام منعقد ڪيا ويندا آهن، انهن نمائشن ۾ اسان جون تيار ٿيل شيون به ضرور رکيون وينديون آهن، ۽ تمام وڏي ڳالهه اسان غريب عورتن لاءِ اها آهي ته انهن نمائشي پروگرامن ۾ اسين پاڻ به شامل ٿينديون آهيون، جتي اسان کي ماڻهن جي پسند ۽ ناپسند ۽ مارڪيٽ جي گهرج جي خبر پئجي ويندي آهي ۽ پوءِ اسان ان معيار مطابق شيون تيار ڪري وري اهڙين نمائشي پروگرامن ۾ شامل ٿينديون آهيون، جنهن مان اسان کي ڪافي منافعو ٿيندو آهي ۽ اهو سمورو منافعو اداري پاران اسان کي ڏنو ويندو آهي.

مسمات ميرا خدمت ۽ جذبي تحت ڳوٺ جي نياڻين تڪليفن کي محسوس ڪندي پنهنجي گهر ۾ سلائي ۽ هَٿَ جي هُنر جون نيون نيون ڊزائنيون سيکاري ٿي، ميران چوي ٿي ته اسان جي سنڌ جي ٻهراڙي جي نياڻين کي ڪوئي به اڻ ڄاڻ ۽ جاهل نه چوي. هُوءَ پنهنجي اَنَ عقل جي سگهه ڪان ان ماڻهن جي اڳيان ظاهر ڪري سگهن جيڪي چوندا آهن ته ٻهراڙي جون عورتون "اَبوجهه" آهن. انهن کي عقل ناهي هوندو.

مسمات ميرا جو چوڻ آهي ته سرسو ٻهراڙين جي عورتن ۾ ايترو ته اُتساهه پيدا ڪيو آهي جو هاڻي ڏينهون ڏينهن عورتن ۾ هُنر جو شوق وڌندو پيو وڃي ۽ اسان کي اِها اميد آهي ته جهڙي طرح سرسو ادارو اسان جي ڳوٺن ۾ عورتن جي لاءِ ڀلائي جا ڪم ڪٺي آيو آهي ۽ ترقيءَ جا نوان رستا ناهي ڏئي رهيو آهي اهڙي طرح ڪم هلندو رهيو ۽ ماڻهن کي جذبو ڏياريندڙ ادارا ايندا رهيا ته اسان جي ٻهراڙي جي هر عورت هُنرمند ٿيندي ۽ پنهنجي ڳوٺن کي ترقي ڏيارڻ ۾ اسان عورتن جو اهم ڪردار هوندو ڇوته هي هنر اڳ به عورتن وٽ موجود ته هو پر اُن کي اڳتي ڪٺي



وڃڻ وارو ڪوبه فرد يا ادارو موجود نه هو. هاڻي اسان وٽ پنهنجو ادارو "سرسو" موجود آهي جنهن اسان جي هُنر جو قدر ڏيهان ڏيهه ڪرايو آهي. جنهن تي اسان ٻهراڙين جي عورتن کي فخر آهي.

اسان جوته پنهنجو، هِي آهي ادارو،
مِلي جَڻُ اسانکي، ويو آ ڪِنارو،
"سرسو" اسان جوته جڻ هِڪ گهرُ آ،
ترقيءَ جو ناهي، ڏنو جنهن آ نعرو.

*



# همت جو پيونالو گلشاد بيگم

پروين مهر
سرسو - يونٽ انچارج لکي

سرسو جو بنيادي مقصد ٻهراڙين ۾ رهندڙ ٻي پهچ ماڻهن کي منظم ڪري، انهن جي هنري صلاحيتن کي اجاگر ڪندي وڌيڪ بهتر نموني استعمال ڪرڻ آهي. اِن سلسلي ۾ سرسو شراڪتي ترقيءَ جي بنيادي فلسفي ذريعي غريب ماڻهن کي اڳتي آڻڻ سان گڏوگڏ انهن جي ترقي جي راهه ۾ درپيش رڪاوٽن کي هٽائڻ ۾ پڻ مدد ڪري ٿي. هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي ئي غريب عورت جي آهي، جنهن پنهنجي هنري صلاحيتن مان پاڻ ته فائدو حاصل ڪندي رهي ٿي. پر، گڏوگڏ ڳوٺ جي غريب عورتن ۽ نياڻين کي پڻ هنر سيکاريندي ڪين پنهنجي گهريلو معاشي آسُودگي ۾ خاطرخواهه اضافو ڪرڻ ۾ مدد ڪندي رهي ٿي.

گلشاد بيگم ڳوٺ ابراهيم سومرو جي رهواسڻ آهي. هي ڳوٺ، لکي يونٽ آفيس کان تقريباً 50 ڪلوميٽر اُتر اوڀر طرف واقع آهي. گلشاد جو مڙس گلزار علي سِرُن جي ٻني تي مزدوري ڪندو آهي، هن کي ٻن پٽن ۽ ٽن نياڻين جي اولاد آهي.

گلشاد VO محمد ابراهيم سومرو جي چيئرپرسن ۽ LSO “سنڌ سجاڳ” يونين ڪائونسل رستم جي جنرل سيڪريٽري پڻ آهي. گلشاد پرائمري پاس ۽ هڪ همت ڀري عورت آهي. هِن جو جذبو اهو آهي ته جيڪر اسان جي ڳوٺ ۽ پوري يونين ڪائونسل ۾ ڪائي به نياڻي اڻ پڙهيل ۽ بي هنرُ نه هجي. گلشاد جي محنت ۽ همت ئي ڳوناڻين عورتن کي سجاڳي ڏني آهي ۽ پنهنجي ڳوٺ کي ترقيءَ طرف وڌائڻ جي شروعات ڪئي آهي.

گلشاد بيگم مختلف ادارن سان رابطا ڪاري ڪندي پنهنجي ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل جي ڪيترن ئي ڳوٺن کي ”سيو دي چلڊرين“ ۽ ٻين ادارن سان گڏجي روڊ رستا ۽ ناليون ٺهرائي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پروگرام به منعقد ڪرايا آهن ۽ اُتان جي عورتن کي پاڻ ۽ پنهنجي ٻارڙن جي صحت بابت صحيح ڄاڻ ڏيندڙ ادارن کان به مدد وٺي عورتن ۾ شعور ۽ آگاهي پيدا ڪئي آهي.



هن مصروف دور ۾ به گلشاد بيگم هُنرن جا سڀ گُرَ پنهنجي ڳوٺ جي نياڻين کي سيکاري ٿي ۽ نياڻين کي تعليم جي زيور سان پڻ مالامال ڪري ٿي. ڳوٺ جون اڪثر ڇوڪريون هن کان عِلم حاصل ڪري چُڪيون آهن ۽ سِلائي، ڀرت، ٽوپي ۽ رليون ٺاهڻ پڻ سِکيون آهن. ۽ هاڻ اُهي پنهنجا گهرَ هلائڻ ۾ پنهنجي خاندان جي مالي مدد پڻ ڪري رهيون آهن.

گلشاد پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ ڪافي عرصي کان بند پيل اسڪول LSO جي ساٿي عورتن سان گڏجي کولرايا آهن جتي اڄ باقاعدگيءَ سان ٻار تعليم پرائي رهيا آهن.

گلشاد بيگم جو هُنرمند هُجڻ ئي سندس مڙس کي گهر هلائڻ ۾ تمام وڏي مدد ڏني آهي. گلشاد بيگم پنهنجي هنري صلاحيتن کي استعمال ڪندي جيڪي شيون ناهي ٿي اهي سرسو جي سهڪار سان مختلف نمائشي



پروگرامن ۾ موڪلي ٿي، جنهن مان ڪيس سُٺي بچت ٿئي ٿي. ۽ هاڻ گلشاد بيگم پنهنجي ٻارڙن کي تعليم پڻ ڏياري رهي آهي. گلشاد جي محنت ۽ حوصلي ڪري ئي هن ڳوٺ ۾ ڪوڙ سارن ادارن دورا پڻ ڪيا آهن جن ۾ ورلڊ بئنڪ، برٽش ڪائونسل، سيو دي چلڊرين سميت ٻيا ٻه ادارا شامل آهن.

گلشاد ٻڌائي پئي ته حقيقت اها آهي ته اسان جي ڳوٺ کي شعوري سطح تي پهچائڻ وارو سرسو ئي آهي. ڇوته اسان جي ڳوٺ ۾ اڳ نه ڪو سرڪاري ادارو آيو ۽ نه ڪو خانگي. جنهن ماڻهن کي شعور ڏياريو هُجي ته توهان جا هِي هِي بنيادي حق آهن. سرسو واحد ادارو آهي جنهن اسان جي عورتن کي بهتر تربيت ڏئي ايڪي ۾ ٻڌيءَ جو سبق سيکاري طاقتور بڻائي ڇڏيو آهي. انهيءَ سبق اسانکي ڳالهائڻ سيکاريو آهي جيڪي عورتون اڳ ائين ڪٺي ڇئجي ته گونگيون هونديون هيون سرسو اُنهن کي همت ڏئي جڻ ته زبان ڏئي ڇڏي آهي.

گلشاد کي پنهنجي محنت، همت ۽ ڪم ۾ مهارت سبب سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۽ LSO "سنڌ سجاڳ" پنهنجي پليٽ فارم تان ڪيس پاڪستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ٿيندڙ پروگرامن ۾ شرڪت جو موقعو ڏنو آهي.



جتي هن پنهنجي يونين ڪائونسل ۽ پوري سنڌ جي عورتن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو آهي ۽ اُتي هِن سيني ادارن جي سربراهن کي ان طرف ڌيان پڻ ڇڪايو ته ٻهراڙين ۾ رهندڙ سنڌ جي غريب نياڻين لاءِ هر ڳوٺ، واهڻ ۽ وستين ۾ نياڻين جا اسڪول کولي ڏنا وڃن.

گلشاد بيگم جو چوڻ آهي ته سرسو جي ساٿ سان انشاءالله اسين ڪجهه ئي عرصي ۾ پنهنجي ڳوٺ جي نياڻين کي پنهنجا بنيادي حق ضرور وٺي ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿينديون سين. اسان LSO جي ساٿي عورتن جو اهو عهد آهي ته اسين نياڻين کي عِلمَ جهڙي زيور کان روشناس ڪندي ڪين هنري صلاحتين سان مالامال ڪري ڪين پنهنجي خاندان ۽ ملڪ لاءِ هڪ ڪارآمد شهري بڻائينديون سين، ته جيئن اڳتي هلي هو ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ٽنگين.

*

# تنظيم سازي

نثار احمد پناھڻ
مئنيجر NRM

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ڏھن ضلعن ۾ ڀھراڙي ۽ ڏورانھين علائقن جي غريب، اڀوجھ، بي وس، لاچار ۽ گھٽ ھوند وارن ماڻھن کي منظم ڪرڻ ۽ سندن ذھني اوسر ڪري ترقي جي راھ ڏيکارڻ سندن زندگي مان غربت ۽ لاچارگي ختم ڪرڻ لاءِ ڏينھن ۽ رات ڪوشش ۾ رڌل آھي.

وڏا نعرا، دعوائون، بلند عمارتون يا پلازه قائم ڪرڻ وارا، ترقي ۽ ان جي پايہ تڪميل کي سمجھي داد گھرن ٿا- سندن عام ماڻھو ۾ ڪا پاڙ ڪانھي- بنياد تي عمارت اڏبي آھي، بنياد مضبوط ھوندو تہ ترقيءَ جي عمارت بيھي سگھندي نہ تہ ڦھَ ڪري ڊھي پوندي- اھڙي ڪم جي منصوبہ سازي سٺي بنياد پرڻ سان ئي ممڪن آھي. سُٺي بنياد ۾ جيڪا سگھہ، موڙي لڳائجي ٿي سا بظاھر نظر ڪونہ ايندي اھا جيڪڏھن عمارت تاج محل جيان ڊگھو عرصو رھي تہ دعويٰ ڪري سگھجي ٿي تہ بنياد صحيح آھي.

مضبوط معاشري واري عمارت جو بنياد فرد واحد جنھن کي گھراڻو بہ چئجي، جيڪو سماج جو بنيادي ايڪو آھي. ان جي سُٺي تربيت، تعليم، صحت ۽ ذھني ترقي ڪبي تہ نتيجو سٺي، مھذب ۽ ترقي يافتہ معاشري جي صورت ۾ نظر ايندو.

سرسو بہ ان نظرئي تحت صرف ۽ صرف عام ۽ غريب ماڻھو تي ڪم ڪري ٿي، ان کي سڌوسنئون سينگاري سنواري، تربيت ڏئي پنھنجي پيرن تي بيھارڻ لاءِ ڪوشان آھي تہ جيئن معاشري جي سنواريل شڪل نظر بہ اچي سگھي- جيڪا سٺن ماڻھن جن ۾ ماڻھپو پريل ھجي، تي مشتمل آھي. حضرت انسان جيئن تہ عظيم تر مخلوق آھي، ھن جو ڪو مٽ ثاني تہ آھي ئي ڪونہ، ھي صاحب اشرف المخلوقات آھي ۽ فطرت جو نائب پڻ سڏجي ٿو. سٺا گھر بھترين انسان سماج کي ڏيندا آھن. گھر ھڪ ادارو ۽ يونيورسٽي آھي.

سوچ سٺي ماڻھپي جي نشاني آھي، جيڪا دماغ مان نڪري ٿي ۽ دماغ جيڪو صوف يا نارنگيءَ جيترو مسَ آھي. ان جو ڪمال اھو آ تہ ھڪ اندازي موجب ھي ھڪ سيڪنڊ ۾ 800 يادداشتون حفظ ڪري سگھي ٿو ۽ مسلسل 75 سالن تائين صحيح ۽ درست ڪم ڪري سگھي ٿو- دنيا جون جيتريون بہ حيرت انگيز ايجادون آھن، مشينري، راڪيٽ، ميزائيل، بم، شٽل وغيره وغيره سي ساريون سندس عقل ھيٺ تابع آھن. دماغ ۾ ھڪ وقت ھڪ لک ملين نيوٽران ڪم ڪن ٿا. اوچتو ڪنھن مسئلي يا مونجھاري ۾ ماڻھو ڦاسي ٿو تہ دماغ ۾ ڦڙڦڙاھٽ پئدا ٿئي ٿي ۽ ان جو بحرحال ڪونہ ڪو حل ڪڍي وجي ٿو.



دماغ تي آمريڪي اداري ڪم ڪندي لکيو آھي تہ ھن صوف جيتري مغز جھڙي طرز جو ڪو ڪمپيوٽر

ٿاهيو وڃي ٿو ته ان لاءِ **102** منزله عمارت گهرجي جنهن جي بلندي **1250** فوٽ هجڻ کپي- اهڙي ڪمپيوٽر ٺاهڻ لاءِ **20** سال گهرجن ۽ ان کي هلائڻ لاءِ هڪ ارب واٽ بجلي استعمال ٿيندي.

آمريڪي سائنسدان دماغ کي ”فڪري انجڻ“ سڏيندي چيو آهي ته سڀني سائنسدانن اڄان رڳو سراسري طور دماغ جي استعمال ڪيو آهي ۽ سندس اعليٰ حصا اڄان انسان جي استعمال هيٺ ڪونه آيا آهن، هي دماغ مسلسل ايجادون ڪندو ٿو رهي- سائنسدان چون ٿاته اڄان دماغ جو **70** سيڪڙو استعمال ڪيو ويو آهي عنقريب اهڙيون ايجادون متوقع آهن جنهن هيٺ انسان هزارن ميلن جو سفر سيڪنڊن ۾ طئي ڪندو ۽ هي هوائي جهاز ميوزم ۾ ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ بيهاريا ويندا جيئن اڄ ڪالهه بيل گاڏيون بيٺل نظر اينديون آهن.

انهيءَ فلاسافيءَ تحت سرسو فرد واحد جي ذهني اوسر ڪاريءَ تي ڪم ڪندي سوشل موبلائيزيشن جي پيشيوارانه خدمتن وارو ڪم سرانجام ڏيندي ڀهراڙي جي ماڻهن ۾ اتحاد، ٻڌي ڪرائي ٿي ۽ ڪين هڪ پليٽ فارم تي منظم ڪندي، باقاعده تربيتون ڏئي خوشحالي طرف آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. ان سلسلي ۾ خدا پاڪ تنظيم، ٻڌي، ملي جلي ڪم ڪري ڏيکارڻ لاءِ انسان کي قرآن پاڪ ۾ حڪم ڏنا آهن ته ڪائنات ۾ وڏين وڏين شين مان سبق حاصل ڪيو پر راز- ان ۾ به آ ته ننڍي کان ننڍي شيءِ تي غور فڪر ڪيو ته ان ۾ مڪمل اسرار، سبق موجود ملندا. اچو ته قرآن جي روشني ۾ ڪِولَ تي نظر وجهون ۽ ڏسون ته اها ڪيتري منظم آهي.



**ڪِولِ:** ڪِولَ کي عربيءَ ۾ نمل چئجي، قرآن ۾ نمل سورة آهي. يمن ملڪ ۾ هڪ قوم آهي جنهن کي نمل سڏين ٿا. نمل قوم تي حڪمراني ملڪه راڻي ڪندي هُئي اها راڻي جڏهن حضرت سليمان جي استقبال لاءِ آئي، ان کي دعوت ڏئي پنهنجي وادي ۾ وٺي آئي ۽ پنهنجي رعايا کي چيائين پنهنجي برن ۾ هليا وڃون حضرت سليمان جو لشڪر اچي ٿوته ڪٿي چيپاتجي نه پئو. هن جي فوج لاءِ رستا خالي ڪيو حضرت سليمان اهو ٻڌي مسڪرايو ۽ چيائين مان سلامتي ڦهلائڻ وارو آهيان عاجزن سان سخت ورتاءُ ڪونه ڪندو آهيان. پوءِ پنهنجي فوج کي حڪم ڪيائين ته ”ڪِولَ وٽ وڃون، انهن جو مطالعو ڪيو ۽ داناءَ ٿيو“.

(**سورت نمل** 18) ترجمو: ”اي ڪِوليون پنهنجن برن ۾ هليون وڃون ته ڪٿي سليمان جي لشڪر توهان کي چيپاتي نه ڇڏي“.

ڪِولَ سبق ڏنو ته پاڻ کان وڏيڪ طاقتور سان مهاڏو نه اٽڪائجي. ڪِولَ جو گهر”برَ“ **15-20** فوٽ اونهون ٿئي ٿو. جن ۾ ڪمرا، تهه خانه، گيلريون ۽ اوطاق شامل آهن. انسان به گهرن ۾ ڪمرا، تهه خانه يا گودام ۽ اوطاقون ٺاهين.

ڪِولَ شينهن جسماني طاقت ڪري، شير حيوان سڏجي ٿو ته ڪول، هوءَ بادشاهه جيان عقلمند آهي. هيءَ لشڪر ۽ جماعت ٺاهي ٿي جنهن کي منظم رکڻ لاءِ عهديدار منتخب ڪندي آهي. هن جي فوج ۾ سپاهي، جمعدار، نگهبان، مزدور، عملدار ۽ آخر ۾ بادشاهه ۽ راڻي ٿين جيڪي سمورو وهنوار هلائين. هڪ ڪِولَ پاڻ کان **300** مرتبه وڏيڪ وزن ڪڻي آٽي بر ۾ رکي ٿي. ۽ انسان به **450** مڻ وزن ڪڻندو هيو سيلاب بارش پوڻ کان اڳ ڪول کي خبر پئجي وڃي ٿي. ان ڪري لشڪرن جي صورت ۾ برن کان ٻاهر نڪريو اچن، هنن جا حواس ايترا تيز آهن جو مٺائي ذرو گهر اڇليو ته منٽن ۾ ان ذري تي ڪِولين جا لشڪر جمع ٿي ويندا.

هيءَ صف بندي ڪندي آ. اڪثر اسان ڏسندا آهيون ته ڪِول قطارن ۾ هلي ٿي، ڪا ڪِول جيڪڏهن مري وڃي ته ٻيون ان کي پنيءَ تي کڻي اچي مٽيءَ ۾ دفن ڪنديون آهن. ڪِول زراعت به ڪري ٿي، اڪثر انهن جي ٻرن جي ٻاهران ڪٽڪ ۽ سارين جا تيلا ڦٽل نظر ايندا آهن، پوءِ اهو فصل پچي ته، انهن کي ته خانن ۾ ذخيرو ڪندي آهي. بارش جي پوڻ جي ڪيس اڳ ۾ ئي خبر پئجيو وڃي، ان ڪري هوءَ پنهجي گھرن جو بچاءُ ڪري وننديِ آهي، ۽ اناج وغيره پڻ ذخيرو ڪري ڇڏي هوءَ خوشي ۽ ماتم پڻ ڪري، پنهنجي دفاع ڪرڻ ۾ ماهر آهي.

ڪول آنا ڏئي ٿي جنهن کي مازن سڏبو آهي. مازن نالي عربن ۾ هڪ قوم پڻ آهي. هن کي ڄاڙيون، آنڌا، رنب، منهن ۽ وات هينان زهر جي هڪ ٿيلهي ٿئيس جنهن سان ڏنگ وهائي ڪدي ٿي. راڻي ڪِول آنا ڏئي ته مزدور دايون انهن آنن جي حفاظت ڪن. ننڍن ٻچن لاءِ پتا پٽي خوراڪ جو بندوبست پڻ ڪن. ڪِول کي ڪو زخم رسي ته طبيب ڪِول لعاب ڪدي ان جو علاج ڪري. هن جي پتڪڙي اڪ 200 اکين جو مجموعو آهي.

الله پاڪ قرآن ۾ پڪار ڪئي. ترجمو: اسان اهڙي طرح ماڻهن لاءِ مثال بيان ڪندا آهيون جيئن عقل وارا سبق حاصل ڪن” ته عقل وارن کي ئي رب پاڪ ننڍي ڪان ننڍي شيءِ ڪِول جو مشاهدو ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو آ ته صاحب علم غور و فڪر ڪن ته هڪ جيتامڙي ڪيئن نه انسانن جيان رهي ٿي هن ۾ عقل، دانش، ڏاهپ، زراعت، حڪمت به آهي ته زندگي گذارڻ لاءِ معاشرو به جوڙيو اٿس ۽ ان ۾ منصوبه سازي ۽ منظميت سان ڪيئن نه زندگي گذاري ٿي. بس اهو ئي ڪم آهي ته اشرف المخلوقات پلي وڏي سائنس ڪان ڪم وننديِ نه ڪيهائي ته ننڍي ڪِول تي به ضرور توجه رکي ته ڪٿي هوءَ انسان ڪان گوءِ نه کٽي وڃي.

**ماکي:** ماکي جي مک به اسان جي ڪالونين جيان، باقاعده انجنيئرنگ جي شاهڪار طور ڪالوني (مانارو) ناهين، جنهن ۾ گھر، ته خانه، اوطاقون، ڪارڪنن لاءِ عام گھر ۽ راڻي لاءِ محل ناهين. معاشري جي فردن جيان رهن ۽ هنن ۾ سپاهي، مزدور، ڪارڪن، دايون ۽ اوڙو پاڙو وغيره ٿين. هرڪو پنهنجو مقرر ڪيل ڪم سرانجام ڏئي. هڪ مغربي قدرت شناس حڪيم ڪيٽي آرلوول KATE-R-LOVELL قرآن جي هيءَ آيت ڏني.

ترجمو: تنهنجي رب ماکي جي مک کي پيغام ڏنو ته جبلن، وڻن، ٻيلن ۾ پنهنجو گھر ناهه، گلن مان رس حاصل ڪر ۽ پنهنجي رب جي ڏنل دستورالعمل کي نڀاهه” (نحل سورت 29-68)

ته هوحيرت زده ٿي ويو ۽ چيائين بيشڪ نبي محمدﷺ سچ چيو آهي ته صبح سوير مکا پنهنجي ڪم تي نڪري وڃن ۽ اونده ٿيڻ ڪان اڳ پنهنجي وزن ڪان 100 ڀيرا وڌيڪ وڏي محنت ۽ حرث سان گلن مان رسُ سونڍ وسيلي چوسي اچي خانن ۾ ڀرن، ٻيا مکا وري پر هلائين وجهٽي جيان ان مان پاڻيٽ خشڪ ڪن ۽ اصل ماکي گڏ ڪن. لعاب وسيلي خانن کي ميڻ سان مضبوط ڪن- جيڪي سست ۽ ڪم چور مکيون هونديون انهن سان ٻيون مکيون وڙهن ۽ ڪم ڪرڻ تي جهيڙو ڪن. ايئن ماناري مان پون پون پري تائين پئي ٻڌڻ ۾ ايندي آ. راڻي پوڙهي ٿئي ته سلطنت بدلائن لاءِ ان کي ڏنگ هڻي مارين ۽ ٻئي چست جي بادشاهي حوالي ڪن- قرآن ۾ آواز آيو ته

ترجمو: ”جن جي عملن ۾ ڪوتاهي هوندي، انهن تي ٻين کي حاوي ڪيو ويندو“.

ته دنيا جي دستور جيان جيڪي قومون محنت، مشقت، ايمانداري، ديانتداري، حڪمت عملي ڇڏي ڏين ٿيون، اهي پنهنجي مال ملڪيت ۽ حڪمراني تان هٿ کڻندي، انهن جي حوالي حڪومت ڪن ٿيون، جن قومن ۾ عزم، ولولو، جدوجهد، جفاڪشي، ايمانداري ۽ استقلال آهي. پلي دنيا تي نظر ڊوڙايو ڪيترن ئي حڪمران قومن صدين بعد جڏهن محنتون ڇڏي ڏنيون ته هينئر زوال ۽ غلامي جي زندگي بسر ڪري رهيون آهن. الله پاڪ ماکي جي مک جي محنت قدرت فطرت جي سهمت سان هلنڌڙ ۽ رهنڌڙ جو مثال ڏئي سمجهايو آهي، ته فطرت جي ڏنل سبق ۽

دائري کان جيڪو نڪرندو. انجام ضرور حاصل ڪندو- پلي نينڊڙي مک جي عمل تي نظر وجهو يا دنيا جي حاڪم قومن تي.

موسمياتي تبديلي هن وقت پوري دنيا لاءِ وڏو چيلينج آهي: زلزلن، بارشن، ٻوڏن جي تباه ڪارين جا اهڃاڻ وڌندا ٿا وڃن. ڪول نندي جيتامڙي کي ٻه ڏينهن اڳ حس حواس تيز هجڻ ڪري بارش پوڻ جي خبر پئجي ٿي وڃي، پر انسان اڃان ڪجهه به نه سوچيو آ !؟

انسان لاءِ ان ۾ اهو سبق آ ته هي ماکي نينڍڙو جيتامڙو آهي، پر ڪم هڪ معاشري جي فردن طور، فطرت جي ڏنل سبق تي ڪري رهيو آهي. صبح سوير اٿي. پنهنجي قد ٻُت کان وڏيڪ اونده کان اڳ اڇي ڪم ڪري ٿي ۽ پوري انسانيت جي لاءِ فائديمند ماکي ناهي ٿي، جن کان عظيم تر فائدا اهي آهن ته هي ماکي نظر جي لاءِ تمام مفيد آ- هن سان معدي جون سڀئي بيماريون دور ٿين ٿيون. السر لاءِ هي مفيد آ، دل ۽ دماغ کي طاقت بخشي ٿي. هي هڪ مڪمل غذا پڻ آهي، جنهن ۾ سڀ پروٽين ۽ وٽامنس آهن. اڄ گهٽائي ۽ مٿاني کي مضبوط ڪري ٿي. بلغم يا ساهه جي ڪٽڻ ۾ تڪليف لاءِ اڪثير آهي- جيڪڏهن ڪنهن کي باهه ساڙي ته ماکي جا ليپا جسم تي ڏيندا رهو ته سڙيل بدن نيڪ ٿي ويندو. داغ، ڏبا، نيڪ ڪري ٿي، زهر جو اثر جسم تي هجي ته ان لاءِ به اڪثير آهي. فالج، نزلي، بخار لاءِ موثر Antiseptic ۽ Antibiotic پڻ آهي. سلهه، ڪنگهه لاءِ مفيد هن تي وڏو ڪتاب لکي سگهجي ٿو. هن جو نعم البدل جديد ڪيمسٽري ناهي ڪونه سگهي آ- هي سراسر حڪمت آهي.

سبق صاف ظاهر آ ته انسان به جيڪڏهن ماکي جي مک جيان ٻين لاءِ ڪم ڪري. پوري انسانيت لاءِ فائديمند ٻڻجي، مال ملڪيت محل زمينن جي حرص کان پاڪ ٿيندي، دنيا لاءِ ڪارگر رهي، منظميت، ڊسپلين ۽ مڪمل معاشرتي فرد جو ڏيک ڏيندي هليو وڃي ته بهتر ٿيندو- اهوئي سبق ماکيءَ ۾ لڪل آ- اهوئي منظم ڪرڻ جو راز آ تنظيم ماناري جيان ناهڻ ۽ ميمبرن کي مک جيان ڪم ڪرڻ جو سبق ان ۾ ڏنل آ- ڳالهه عمل ڪرڻ جي آهي. هن دنيا ۾ ماکيءَ جيان قدرت هرڪنهن کي ڏيڻ تي معمور ڪيو آ- سج کي ڏسو روشني ڏي ٿو، چنڊ ستارا هوائون، مينهن، بارشون سڀ ڏيڻ تي معمور آهن. سمنڊن دريائن ڪڏهن پنهنجو پاڻي به ڪونه پيتو آهي- وڻ ٽڻ ٻوٽا، چانو ۽ ڦل فروٽ ميوا ڏيڻ تي مجبور آهن آخر ۾ پنهنجون ڪاٺيون به ٻارڻ لاءِ ڏيندي پاڻ هليو وڃن.

وڻ ٽا ميوو ڪن، پاڻ نه کائين پنهنجو،
نڪر پتر چاپڙا، ڏوٽا ڏار سهين،
پسو لڄ لطيف چئي، ويچارن وٽن،
ڦريو ٽا ڦرن، ڪارڻ پٽ پنهنجي.

ايئن فطرت جو سبق انسان لاءِ به اهو آ ته توهان به ڏيڻ وارا ٿي پئو. هرڪو جيڪڏهن حق ڏيڻ وارو ٿي پئي، پيءُ اولاد کي حڪمران عوام کي، ملازم اداري کي ته ڪو حق گهرڻ وارو ڪونه رهي.

اهي سڀ ڪجهه سيکارڻ ۽ وساريل سبق ياد ڏيارڻ لاءِ سرسو سنڌ ۾ پنهنجا فرائض ادا ڪرڻ ۾ رڌل آهي، در در درس پهچائي ٿي گهر گهر سبق ڏنو وڃي ٿو، ڏيئو جلندو رهندو لاٽ ٻرندي رهندي، نيت صبح ٿيندو ۽ سوجهرو نظر ايندو- منزل سامهون آ- مگر ڏور ناهي- رڳو پاڻ کي گڏ ويهڻو آ- سمجهڻو ۽ سمجهائڻو آ، ايڪو ٻڌي ڪري، غربت مٽائڻي آ- هن واهڻ وستين کي سهڻو ۽ سنو بڻائڻو آ، انهن سرسو جي هيرن سان تنظيم سازي ڪرڻي آ- اجايو شور ناهي ڪرڻو.

# سرسو - بروڪ پروجيڪٽ ٻڌائي زندگي خوشحال

ڊاڪٽر جمال عبدالناصر
سرسو - بروڪ پروجيڪٽ شڪارپور

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن 2009ع کان سنڌ جي چئن ضلعن سکر، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ۾ گھوڙن، گڏهن ۽ خچرن جي لاءِ فلاحي پروگرام هلائي رهي آهي. اهڙي پروگرام لاءِ مالي سهائتا بروڪ اسپتال براءِ حيوانات جي آهي. هن پروگرام تحت جانورن جي مالڪن کي آگاهي ڏيڻ لاءِ پروگرام رکيا ويندا آهن. جنهن ۾ کين جانورن جو خيال رکڻ، کين باربار پاڻي پيئارڻ، انهن تي سنا سنج ۽ لغام رکڻ، لڪڻ جي مار نه ڏيڻ، سائو چارو کارائڻ ۽ چانوَ ۾ بيهارڻ بابت آگاهي ڏيندي تندرست صحت لاءِ جاڳرتا ۽ سنجن ناهڻ وارن کي تربيتون، نال بند کي جديد علوم کان واقف ڪندي سنا نال ناهڻ جي سکيا پڻ ڏني ويندي آهي. چاڪاڻ ته اهي جانور غريب گهراڻن جي خوشحالي، سندن گهرن جو چلهو ٻارڻ لاءِ ٽانگن، گاڏن، باربرداري ۾ ڏينهن رات ڊڪن ٿا، انهن جي محنت جي ڪري سلهاڙيل غريب ماڻهو ٻن ويلن جي ماني کائيندي پيٽ جي باهه اجهائين ٿا. سندن ٻارن جي تعليم ۽ صحت انهن جي ڪمائي سان واڳيل آهي.



هيءَ ڪهاڻي هڪ مزدور زبير احمد ولد محمد باقر جي آهي، هي بروهي ڪالوني شڪارپور ڦاٽڪ جو رهواسي آهي. جهن پاتين جو اڪيلو ڪفالت گذار آهي. سندس ڪرت ڪارن ڪوئلن جي ٽانڊن کي ٻاري لوهارڪو ڪم ڪرڻ آهي. هن ڪم مان زبير جي روزاني آمدني 300 سئو روپيه هُئي جيڪا هن مهنگائي جي دور ۾ ناڪافي هئي، گهٽ آمدني سبب هو ٻارن جي تعليم جو خرچ برداشت نه پيو ڪري سگهي.

جيئن ته سرسو بروڪ پراجيڪٽ شڪارپور ۾ ڪافي عرصي کان ڪم ڪري رهيو آهي. هن پروگرام ۾ زبير کي شامل ڪندي ڪيس نالن ناهڻ ۽ جانورن جي پيرن ۾ هڻڻ جي تربيت ڏني وئي ته جيڪي جانور: گهوڙا، گڏهه بار ڍوئڻ جي سخت پورهئي سان واڳيل آهن انهن جي پيرن کي ٺڪر، پٿر ۽ سروٽا زخم نه رسائي سگهن.



زبير جي اهڙي مهارتي تربيت وسيلي ذهني اوسر ٿي، هن نال ناهڻ ۽ جانورن جي پيرن ۾ هڻڻ وارو ڪم شروع ڪري ڏنو. سندي اخلاق ۽ بهتر ڪم ڪرڻ بدولت سندس نالو ڪافي مشهور ٿي ويو ۽ پري پري کان گڏهه گاڏن ۽ ٽانگن وارا هن وٽ اچڻ لڳا. پروسي واري ڪم سبب زبير وٽ ماڻهن گهڻا اچڻ لڳا آهن ۽ هن وقت سندس آمدني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. نال بندي واري ڪرت مان زبير جي روزانه جي آمدني وڌي ته هن پنهنجي ٻارن جي تعليم شروع ڪئي، هن وقت زبير پنهنجي آمدني مان ڪتر مشين به لڳائي آهي ۽ جانورن لاءِ سُڪل ۽ سائو چارو به رکيو آهي. گهرن ۾ جانور پاليندڙ زبير کان گاهه ۽ ڪتر خريد ڪن ٿا.



هينئر سندس گهر جو چرخو سني طرح هلي رهيوآهي. زبير چواڻي ته مان سرسو بروڪ پروجيڪٽ ۾ ڪم ڪندڙ سمورن ساٿين جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. جنهن سبب منهنجا گهرو حالت بهتر ٿيا آهن ۽ مان اميد ڪريان ٿو ته مون جهڙا ٻيا دوست به هن پروگرام مان ڀرپور فائدو وٺي پنهنجي زندگي خوشحال ٻڌائيندا.

# ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ حڪومت سنڌ جي مالي تعاون سان هنري سکيا جو هڪ ڪامياب پروگرام




عبدالمنان چاچڙ
سينيئر پروگرام آفيسر MER

غربت کي گهٽائڻ ۽ ماڻهن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ، ان وقت تائين ممڪن نہ آهي جيستائين ترقيءَ جي سموري عمل ۾ مستحق ۽ غريب ماڻهن جي مڪمل نمائندگي ۽ شموليت شامل نہ هجي. سرسو هميشہ کان سرگرمِ عمل رهيو آهي تہ پائدار ترقيءَ لاءِ ماڻهن کي پاڻ پرو ڪجي تہ جيئن اُهي پاڻ مرادو ڪنيل قدمن کي هٿي وٺرائيندي پنهنجي وسيلن جي مالڪي ڪندي سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي عمل جي شروعات ڪن.

اهڙي تسلسل تحت آگسٽ 2014ع ۾ سرسو - حڪومت سنڌ جي مالي سهڪار سان ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي پنجن يونين ڪائونسلن (راونتي، خيرپور جوسو، پير شريف، قمبر3، جيئڻ ابڙو) ۾ هنري تربيتن جو گهڻ رخو ترقياتي پروجيڪٽ شروع ڪيو. هن پروجيڪٽ تحت 1040 غريب گهراڻن سان واسطو رکندڙ عورتن ۽ مردن کي مختلف هنرن ۾ انهن جي مرضي مطابق تربيت فراهم ڪرڻي هُئي.

ان سموري ڪم لاءِ سرسو پنهنجي عملي کي مختلف سرگرمين ۾ مصروف ڪيو. سڀ کان پهرين غربت جي درجابندي وارو ڳڻپ ڪارڊ مٿين پنجن يونين ڪائونسلن ۾ ڪيو ويو. تنهن ڪانپوءِ ڳوٺ سطح تي عورتن جون ڳوٺاڻيون تنظيمون جوڙيون ويون. انهيءَ سموري عمل ۾ سرگرميءَ ڪانپوءِ ڳوٺاڻين تنظيمن ذريعي اهل ۽ خواهشمند مردن ۽ عورتن جي مختلف هنرن لاءِ نشاندهي ڪرائي وئي. سرسو جي عملي نشاندهي ڪيل مردن ۽ عورتن جو تفصيلي جائزو وٺندي مختلف هنرن جي بنيادن تي وقت بوقت مختلف هنڌن تي هنري تربيتون فراهم ڪرڻ لاءِ مرڪز قائم ڪيا. هنرن ۽ انهن ۾ تربيتن جا تفصيل هن ريت آهن.

**مختلف هنرن ۾ تربيتن جا انگ اکر**

| نمبر | هنر جو نالو/تربيت | تربيت حاصل ڪندڙ عورتن جو تعداد | تربيت حاصل ڪندڙ مردن جو تعداد | ڪل تعداد |
|---|---|---|---|---|
| 1 | موبائيل جي مرمت | - | 100 | 100 |
| 2 | بلڊنگ اليڪٽريشن | - | 100 | 100 |
| 3 | ويلڊنگ | - | 50 | 50 |
| 4 | موٽر سائيڪل جي مرمت | - | 102 | 102 |
| 5 | جنريٽر جي مرمت | - | 100 | 100 |
| 6 | سلائي | 100 | - | 100 |
| 7 | ٽڪ جو ڪم | 100 | - | 100 |
| 8 | سنڌي ٽوپي، رلي، چلي ۽ زري جو ڪم | 150 | - | 150 |
| 9 | هارسينگار | 100 | - | 100 |
| 10 | هٿ جون شيون ٺاهڻ جي تربيت | 100 | - | 100 |
| | ٽوٽل | **550** | **452** | **1,002** |



مختلف تربيتون حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مرد ۽ عورتون پنهنجي هنري صلاحيتن کي وڌائيندي ۽ انهن جو بهتر استعمال ڪندي مختلف ڪمن ۾ مشغول ٿي چڪا آهن.

هنرمند مردن پنهنجي هنر مطابق قمبر ۽ لاڙڪاڻي شهر جي مختلف دوڪانن جهڙوڪ: موبائيل جي مرمت جا دوڪان، موٽر سائيڪلين جي مرمت جا دوڪان، ويلڊنگ جا دوڪان ۽ بجلي جي ڪم جي دوڪانن تي پنهنجون خدمتون ڏئي رهيا آهن. ۽ ڪجهه مرد هنر حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪاروبار جو آغاز ڪري چڪا آهن. اهڙي طرح ٻين جي دوڪانن تي ڪم ڪندي يا پنهنجو ڪاروبار شروع ڪندي هنرمند مرد پنهنجي خاندانن لاءِ مناسب آمدنيءَ جو ذريعو بڻجي چڪا آهن.

ساڳئي طرح، هنرمند عورتن پنهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجا بزنس ڊولپمينٽ گروپس (BDGs) ٺاهيا آهن ۽ گروپن ڪم ڪندي هنن روزگار جو دروازو پڻ کوليو آهي. ڪاروباري ترقيءَ جي گروپ جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

| نمبر | ڪاروباري گروپ جو نالو | ڪل ميمبر | هنر | ايڊريس |
|---|---|---|---|---|
| 1 | دعا | 18 | ڪنديءَ جو ڪم | ڳوٺ ماهري ڪلهوڙو |
| 2 | لوئاري | 21 | ڪندي ۽ ٽڪ جو ڪم | ڳوٺ ڪوراجا |
| 3 | اقرا | 23 | ٽڪ جو ڪم | ڳوٺ دائيدار |
| 4 | صوفي گروپ | 15 | بلوچي ڀرٽ - ڪنديءَ جو ڪم | ڳوٺ ڏتل ابڙو |
| 5 | محنت گروپ | 27 | بلوچي ڀرٽ - ٽوپيءَ جو ڪم | ڳوٺ چانڊيو مغيري |
| 6 | فتح گروپ | 24 | ٽوپي جو ڪم - بلوچي ڀرٽ | ڳوٺ چانڊيو مغيري |
| 7 | چانڊيو مغيري | 25 | ٽوپي جو ڪم - بلوچي ڀرٽ | ڳوٺ چانڊيو مغيري |
| 8 | سياڳو چانڊيو | 15 | ٽوپي جو ڪم - بلوچي ڀرٽ | سياڳو چانڊيو |
| 9 | بلندي | 15 | ٽوپي ٺاهڻ ۽ ٽڪ جو ڪم | ڳوٺ جهنجهه |
| 10 | رائيزنگ اسٽار | 20 | ٽڪ جو ڪم | ڳوٺ نئون ڳوٺ |
| 11 | خوشحال زندگي | 18 | سلائي ۽ ٽڪ جو ڪم | ڳوٺ ميٺا |
| 12 | سوني سُئي | 45 | ٽڪ جو ڪم - هٿرادو هنر جو شيون | ڳوٺ حاصلا |
| 13 | ڊائمنڊ گروپ | 10 | ٽڪ جو ڪم | ڳوٺ صاحب خان گرار |
| 14 | غازي خان چانڊيو | 10 | ڪندي ۽ ٽوپيءَ جو ڪم | ڳوٺ غازي خان چانڊيو |
| 15 | بسم الله | 16 | ٽڪ جو ڪم | ڳوٺ دوست محمد ميتلو |
| 16 | راونتي | 22 | ڪنديءَ جو ڪم - ڪچي سُئي | ڳوٺ راونتي |
| 17 | سُونهن | 13 | ٽڪ جو ڪم | ڳوٺ گهاگهرو |



بزنس ڊولپمينٽ گروپس پنهنجي مدد پاڻ تحت مختلف ادارن جهڙوڪ: سرسو ۽ ٻين سان رابطا قائم ڪيا آهن. ۽ انهن قائم ڪيل رابطن جي نتيجي ۾ مختلف هنرن ۾ سٺي ماليت جا آرڊر حاصل ڪري رهيون آهن. جيڪي انهن جي بهتر روزگار جو هڪ واضع ثبوت آهي. انهيءَ معمول جي آرڊرن کان علاوه سرسو ۽ ٻين ادارن طرفان منعقد ٿيندڙ نمائشي پروگرامن ۾ پنهنجو ڪيل هنري ڪم پيش ڪري سٺي آمدني حاصل ڪري رهيون آهن، جيڪا سمورن بزنس ڊولپمينٽ گروپ ميمبرن ۾ برابريءَ جي بنياد تي تقسيم ڪئي پئي وڃي.

بزنس ڊولپمينٽ گروپ جون ميمبر عورتون انهن سمورين نمائشين ۾ جيڪي ڪراچي، حيدرآباد ۽ بين الاقوامي سطح تي منعقد ٿين پيون، سي مڪمل نمائندگيءَ سان شامل ٿي رهيون آهن، ۽ مختلف ادارن سان پنهنجي رابطا ڪاري کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ تڪڙا اپاءُ پڻ وٺي رهيون آهن. انهن سمورن ڪمن ۽ ڪنيل قدمن جي نتيجي ۾ اهي ميمبر عورتون نہ صرف سٺو روزگار حاصل ڪن پيون، پر سٺي مڃتا ۽ خاص توجهه حاصل ڪرڻ ۾ بہ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿيون آهن، سا انهن جي ڪاروباري گروپن جي روايتي ڪم کي نواڻ ۽ جدت بخشي آهي.

مٿين سمورين سرگرمين سان گڏوگڏ 76 هنرمند ميمبر عورتن کي مختلف شهرن جهڙوڪ: ڪراچي، حيدرآباد، سکر، خرپور ۽ اسلام آباد جي مارڪيٽن جا معلوماتي دؤرا پڻ ڪرايا ويا، جنهن ذريعي هنرمند عورتن پنهنجي هنر جي حوالي سان ڪم جي نون طريقن ۽ ڊزائنين کان مڪمل آگاهي حاصل ڪئي. جيڪا انهن جي روايتي ۽ مروج ڪم کي وڌيڪ نواڻ ۽ بهتر طريقي سان ڪرڻ ۾ نهايت مددگار ثابت ٿيا آهن.



هاڻ، جيئن تہ گهڻ رخو ترقياتي پروجيڪٽ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ مڪمل ٿي چڪو آهي. ۽ تمام مقرر ڪيل مقصد حاصل پڻ ڪيا ويا آهن. انهن حاصل ڪيل مقصدن جي نتيجي ۾ ڳوناٽين عورتن ۽ مردن جي هنرن ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي ۽ هنرمند مڪمل طور ان قابل ٿيا آهن تہ حاصل ڪيل هنرن جو بهتر استعمال ڪندي پنهنجي خاندان لاءِ مناسب روزگار ڪمائيندي مستقبل ۾ خوشحال زندگي گذاريندا.

*




# سندھ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس شکارپور روڈ سکر.

فون: 071-56271820 فیکس: 071-5627182-111

ویب سائیت www.srso.org.pk